روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) جمعو 15 سيپٽمبر 2023ع بمطابق 28 صفر 1445هه (قيمت 05 رپيا) شمارو 110

# مستونگ ۾ ڌماڪو: جي يو آءِ اڳواڻ حافظ حمدالله سميت 11 ڄڻا زخمي

ڌماڪو حافظ حمدالله جي گاڏي جي ويجهو ٿيو. حافظ حمدالله منگوچر وڃي رهيو هو. ڌماڪي جي اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون

ڌماڪي سبب جي يو آءِ اڳواڻ جي ساٿين ۽ گارڊ سميت 11 ڄڻا زخمي ٿيا جن کي مير بخش رئيساڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو

پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن واقعي واري هنڌ کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو، جڏهن ته شاهدين گڏ ڪيون پيون وڃن

حافظ حمدالله ڌماڪي جي نتيجي ۾ معمولي زخمي ٿيو آهي. ٻڌڻي جهڙي ڪا ڳالهه آهي: يو آءِ (ف) ترجمان اسلم غوري

نگران بلوچستان جي وڏي وزير علي مردان ڏومڪي ۽ صوبائي گهرو وزير زبير جمالي پاران مستونگ ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت

صوبائي نگران حڪومت هن افسوسناڪ واقعي جي ذميوارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائي: مولانا فضل الرحمان

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان جي علائقي مستونگ ۾ روڊ ڪناري ڌماڪو ٿيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ جي يو آءِ اڳواڻ ۽ پي ڊي ايم ترجمان حافظ حمدالله سميت 11 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. تفصيل موجب ڌماڪو حافظ حمدالله جي گاڏي ويجهو ٿيو. حافظ حمدالله منگوچر وڃي رهيو هو. ڌماڪي جي اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون. ڌماڪي سبب جي يو آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪوئيٽا: بلوچستان جي علائقي مستونگ ۾ ٿيل ڌماڪي ۾ زخمي پي ڊي ايم ترجمان حافظ حمدالله اسپتال داخل آهي

## ڊالر جا پويان پير، رپيو وڌيڪ مضبوط ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو. اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 3 رپيا سستو ٿيو ۽ هڪ ڊالر جو اگهه 298 رپيا ٿي ويو آهي. انٽربئنڪ ۾ به ڊالر 86 پئسا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 297 رپين 96 پئسن تي بند ٿيو. ياد رهي ته حڪومت طرفان ڊالر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

# سنڌ ڪابينا جو اجلاس: ڪچي ۾ انٽرنيٽ جي سهوليت ختم ڪرڻ جو حڪم، ڌاڙيلن خلاف آرمي آپريشن جو فيصلو

سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينا جو اجلاس ٿيو، اجلاس ۾ صوبائي وزير، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، آءِ جي پوليس رفعت مختار ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ امن امان بابت صوبي جي صورتحال تي سنڌ ڪابينا کي آءِ جي سنڌ رفعت مختار بريفنگ ڏني، هن سال 2023ع ۾ 217 ماڻهو اغوا ٿيا جن مان 207 مغوي بازياب ٿيا، 11 ماڻهو اڃان تائين يرغمال آهن: آءِ جي

مغوين کي فوري طور تي بازياب ڪرايو وڃي ۽ ڪچي ۾ انٽرنيٽ جي سهوليت ختم ڪئي وڃي، ڌاڙيلن کي سختي سان منهن ڏنو وڃي. نگران وڏو وزير

ڪچي جي ٽوٽل 4 لک آبادي آهي، ڪچي ۾ 238 ڳوٺ آهن، 8 پوليس اسٽيشنون ۽ 20 چيڪ پوسٽون آهن: جسٽس (ر) مقبول باقر کي بريفنگ

ڪچي ۾ سني ساک رکندڙ پوليس اهلڪارن ۽ آفيسرن کي مقرر ڪيو وڃي، جيڪي پوليس وارا سني ڪارڪردگي نه ڏيکارين انهن کي فوري طور تي هٽايو وڃي: نگران وڏو وزير

گهوٽڪي، ڪنڌڪوٽ پل تي ڪم شروع ڪيو وڃي، پل نهي ويندي ته علائقو کلي ويندو ۽ امن امان جي صورتحال به بهتر ٿي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ ڪابينا جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪچي ۾ انٽرنيٽ جي سهوليت ختم ڪرڻ جو حڪم ۽ جاري ڪندي ڌاڙيلن خلاف آرمي آپريشن جو فيصلو ڪيو ويو. اجلاس ۾ صوبائي وزير، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، آءِ جي پوليس رفعت مختار ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ امن امان بابت صوبي جي صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: سنڌ جو نگران وزيراعلى جسٽس (ر) مقبول باقر سنڌ ڪابينا اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

# وفاقي ڪابينه ڪميٽي 17 ڄڻن جا نالا اي سي ايل ۾ وجهڻ جي سفارش ڪري ڇڏي

وفاقي ڪابينه جي ايگزٽ ڪنٽرول لسٽ بابت ذيلي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ نگران گهرو وزير سرفراز بگٽي سميت مختلف وزيرن ۽ آفيسرن شرڪت ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي ڪابينه جي ايگزٽ ڪنٽرول لسٽ بابت ذيلي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ 17 ڄڻن جا نالا اي سي ايل ۾ شامل ڪرڻ جي منظوري ڏني، وفاقي ڪابينه جي ايگزٽ ڪنٽرول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

# اسٽيٽ بئنڪ جو وياج جي شرح 22 سيڪڙو تي برقرار رکڻ جو اعلان

مانيٽري پاليسي ڪميٽي اڄ پنهنجي اجلاس ۾ وياج جي شرح 22 سيڪڙو تي برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي: اسٽيٽ بئنڪ

مئي ۾ مهانگائي 38 سيڪڙو جي رفتار سان وڌي رهي هئي، جڏهن ته آگسٽ 2023ع ۾ مهانگائي وڌي جي شرح 27.4 سيڪڙو تي وئي

ايندڙ ٻن مهينن لاءِ وياج جي شرح 22 سيڪڙو رهندي

ڪراچي (م ڊ) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته مانيٽري پاليسي ڪميٽي اڄ پنهنجي اجلاس ۾ وياج جي شرح 22 سيڪڙو تي برقرار رکڻ جو فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

# ”سنڌ جي عوام کي پيپلزپارٽي کان ڇوٽڪارو ڏيارينداسين“ جي يو آءِ ۽ ايم ڪيو ايم اتحاد جوڙي ڇڏيو

جي يو آءِ وفد مولانا راشد محمود سومرو جي سربراهي ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مرڪز بهادرآباد پهتو ۽ رابطا ڪميٽي ميمبرن سان ملاقات ڪئي

اسان فيصلو ڪيو آهي ته هاڻ سنڌ ڪارڊ هلڻ نه ڏينداسين، ٻهراڙين ۾ سياسي قوت جي يو آءِ آهي: ڊاڪٽر فاروق ستار

ڳوٺ جاگيردارن ۽ وڏيرن کي انهن جي اوقات ياد ڏيارينداسين، پ پ جي نفرت جي پاليسي ناڪام بڻائينداسين

ڪراچي (رپورٽر) جي يو آءِ ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان جو ب پ خلاف اتحاد ڪندي سنڌ ۾ گڏ هلڻ تي اتفاق ڪري ورتو. جي يو آءِ وفد مولانا راشد محمود سومرو جي سربراهي ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مرڪز بهادرآباد پهتو ۽ رابطا ڪميٽي ميمبرن سان ملاقات ڪئي. ملاقات ڪئي سينئر ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فاروق ستار سميت ڪيترن صحافين سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڊاڪٽر فاروق ستار ۽ جمعيت علماءِ اسلام (ف) مولانا راشد محمود سومرو گڏيل پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

# سائفر ڪيس: شاهه محمود قريشي ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت واري درخواست رد

جج ابوالحسنات ذوالقرنين شاهه محمود قريشي ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت واري درخواستن تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

اسلام آباد ۾ سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت قائم خصوصي عدالت ۽ عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جي ضمانت واري درخواستن تي ٻڌڻي ٿي

سيڪريٽ ايڪٽ قانون 1923ع جي تحت سائفر پنهنجو پاڻ وٽ رکڻ ڏوهه نه آهي: وڪيل گوهر علي خان

لاهور (م ڊ) سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت قائم خصوصي عدالت سائفر ڪيس ۾ پي ٽي آءِ جي چيئرمين عمران خان ۽ وائيس چيئرمين شاهه محمود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان نگران وفاقي وزير گوهر اعجاز ملاقات ڪري رهيو آهي

## ڪراچي: رينجرز جي مقرري ۾ وڌيڪ 6 مهينن جي واڌ جو فيصلو

ڪراچي (م ڊ) نگران سنڌ ڪابينه ڪراچي ۾ رينجرز جي مقرري ۾ وڌيڪ 6 مهينن جي واڌ جو فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

# سپريم ڪورٽ تحريڪ انصاف جي 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ جي درخواست اعتراض لڳائي واپس ڪري ڇڏي

درخواستگذار سپريم ڪورٽ ۾ اچڻ کان اڳ لاڳاپيل ڪنهن به فورم سان رابطو نه ڪيو: سپريم ڪورٽ

صدر عارف علوي کي آرٽيڪل 248 موجب درخواست ۾ ڌر نٿو بڻائي سگهجي

درخواست ۾ اهو ناهي ٻڌايو ويو ته درخواستگذار جو ڪهڙو بنيادي حق متاثر ٿيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ جي درخواست اعتراض لڳائي واپس ڪري ڇڏي. ڪورٽ جي رجسٽرار پي ٽي آءِ جي 90 ڏينهن ۾ چونڊون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07


پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد عمر (فائيل فوٽو)

## سائفر ڪيس: اسد عمر جي گرفتاري کان اڳ ضمانت منظور

جج ابوالحسنات ذوالقرنين ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر جي بيان جي روشني ۾ ضمانت منظور ڪئي

اسد عمر کي 50 هزار روپين جا ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت قائم خصوصي عدالت سائفر ڪيس ۾ اسد عمر جي گرفتاري کان اڳ ضمانت منظور ڪري ورتي. جج ابوالحسنات ذوالقرنين ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر جي بيان جي روشني ۾ ضمانت منظور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

## پراسيڪيوٽر جنرل نيب سيد اصغر حيدر جي استعيفي منظور

پراسيڪيوٽر جنرل نيب جسٽس رٽائرڊ سيد اصغر حيدر 9 سيپٽمبر تي استعيفي ڏئي ڇڏي

پراسيڪيوٽر جنرل نيب سيد اصغر حيدر جو مدو فيبروري 2024ع ۾ پورو ٿيڻو هو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) قومي احتساب بيورو (نيب) جي پراسيڪيوٽر جنرل سيد اصغر حيدر جي استعيفي منظور ڪئي وئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

# اسٽيبلشمينٽ کي شهنشاهيت تان هٿ کڻڻو پوندو: ساجهه وند

مون ڪشمور ۾ احتجاج دوران پوليس سان ٻين ايجنسين گڏيل آپريشن ڪرڻ جو چيو ته گرڙ پئجي ويو: سيد زين شاهه

2007ع ۾ جڏهن محترمه زنده هئي ته آصف زرداري جيئاهو گڏ ٿيو حڪومت ملندي

اهڙي طرح 2012ع ۾ نواز شريف آچ ڪئي ۽ 2017ع ۾ عارف علوي جيئاهو اهڙي طرح حڪومتون اڳ ئي طئي ڪيون وڃن ٿيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پريس ڪلب ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه خطاب ڪندي چيو ته 46ع واري قرارداد جو ڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: نگران صحت واري وفاقي وزير ڊاڪٽر نديم جان ڪلينڪ اسپتال جي دوري دوران مريض عورتن سان ڳالهائيندي

## نارو شاهه پرسان جوائنٽنگ بعد ليڊي ٽيچر اسڪول مان مسلسل غير حاضر هٽڻ جو انڪشاف

نارو شاهه (رپورٽر) نارو شاهه پرسان جوائنٽنگ بعد ليڊي ٽيچر مسلسل غير حاضر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

# ٻارڙي فاطما فرڙو جي ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي

پوليس ڪيس ۾ گهربل فياض شاهه جي سالي سيد ساجد شاهه کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدار حنا شاهه ۽ فياض شاهه بابت جاچ ڪئي وينداسين: پوليس

گهوٽڪي (رپورٽر) رانيپور جي پيرائي حويلي ۾ تشدد جي ڪري مري ويل ٻارڙي فاطما فرڙو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

# ياسمين راشد جي علاج واري درخواست منظور، 14 ڏينهن جي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل روانو

دهشتگردي جي انت واري عدالت ياسمين راشد جي علاج لاءِ داخل ڪيل درخواست منظور ڪري ورتي

جيل اختيارين کي ياسمين راشد جي سروسز اسپتال مان ڪينسر ٽيسٽ ڪرائڻ جو حڪم ڏنو

جيل اختيارين ياسمين راشد کي اسپتال ۾ ڪينسر جي ٽيسٽ لاءِ وٺي وڃن: عدالت جو حڪم

لاهور (م ڊ) دهشتگردي جي انت واري عدالت ياسمين راشد جي علاج لاءِ داخل ڪيل درخواست منظور ڪري ورتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

## فيض گنج: ڪراچي مان هڪ مهينو اڳ اغوا ڪيل 3 پورهيت بازياب

فيض گنج (رپورٽر) هڪ مهينو اڳ ڪراچي مان اغوا ڪيل 3 پورهيت بازياب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

لاهور: دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ پيشي ڪانپوءِ پي ٽي آءِ اڳواڻ ياسمين راشد وڪٽري جو نشان ڏيکاري رهي آهي

# حڪومت طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ جو امڪان

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ 16 سيپٽمبر کان واڌ جو امڪان آهي: ذريعن جي دعوي

اوگرا طرفان اڃا تائين حڪومت کي سمري ناهي موڪلي وئي

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ جو امڪان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

# ڊاڪٽر عاصم ريفرنس، چيئرمين نيب کي رڪارڊ موڪلڻ جو حڪم

سنڌ هاءِ ڪورٽ 4 سيپٽمبر تي ريفرنس واپس نيب ڏانهن موڪلڻ جو فيصلو ڪيو هو: احتساب عدالت

ڊاڪٽر عاصم ۽ ٻين خلاف گئس جي ٺيڪن ۾ 17 ارب روپين جي ڪرپشن جو الزام آهي

ڪراچي (رپورٽر) احتساب عدالت پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر عاصم حسين ۽ ٻين خلاف 17 ارب روپين جي ڪرپشن ريفرنس ۾ چيئرمين نيب کي رڪارڊ موڪلڻ جو حڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر عاصم حسين

# موسمياتي کاتي سنڌ ۾ 16 سيپٽمبر کان چوماسي جي برسات جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا

16 کان 18 سيپٽمبر دوران ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، سانگهڙ، خيرپور، بدين، سجاول، ٺٽو ۽ جامشورو ضلعن ۾ برسات پوندي

ڪراچي ۾ 3 ڏينهن دوران موسم جهڙالي ۽ هلڪي برسات جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن: موسمياتي کاتو

چوماسي جي برسات کان اڳ ڪراچي ۽ سنڌ ۾ گرمي جي شدت ۾ اضافو ٿيندو، ڪراچي ۾ سامونڊي هوائن جو طور تي بند ٿيڻ جو امڪان آهي

ڪراچي (م ڊ) موسمياتي کاتي طرفان جاري ڪيل اڳڪٿي موجب سنڌ ۾ 16 سيپٽمبر کان چوماسي جي برسات جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

# ڪنڊڪوٽ: بدامني ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ سنڌ بروهي اتحاد جو احتجاج

ميرمظفرخان بروهي جي اڳواڻي ۾ ڪنڊڪوٽ ۽ شڪارپور انڊس هاءِ وي فيڊو لاڙوٽ سنڌ پنجاب مک رستي تي ڌرڻو هنيو ويو

ڌاڙيل سري عام ٻارڙن توڙي ٽرانسپورٽرن ۽ عام ماڻهن کي اغوا ڪري رهيا آهن: مظاهرين

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) سنڌ بروهي اتحاد پاران ميرمظفرخان بروهي جي اڳواڻي ۾ احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

# ٻارڙي طرفان ڪوشرڪا ناهي ملي، مون کي پارٽي مان ڪير ڪڍي سگهي ٿو: لطيف کوسا

پيپلزپارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي (سي اي سي) جي اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت ملي آهي

شهنشاهه ڪورٽ ۾ مصروف هئڻ سبب اجلاس ۾ شرڪت نه ڪندس، اڃا تائين ڪو شوڪاز نوٽيس ناهي مليو

پيپلز پارٽي منهنجي پارٽي آهي مون کي ڪير پارٽي مان ڪڍي سگهي ٿو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ لطيف کوسا چيو آهي ته پارٽي طرفان ڪو شوڪاز نوٽيس ناهي مليو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

# ملڪ جي مختلف علائقن ۾ رات 10 وڳي کانپوءِ گهرڻ نڪرڻ تي پابندي

دائود زئي، ڏاگئي، ملاخان، شاهه عالم ۽ ٻين علائقن ۾ پابندي لاڳو ڪئي وئي

ڪرفيو دوران، درياهه ڪناري، ٻنين ۾ نه وڃڻ سبب ڏنو ويو ته ڪارروائي ٿيندي: پوليس

پشاور (م ڊ) پشاور جي مختلف علائقن ۾ رات 10 وڳي کانپوءِ ٻاهر نڪرڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. پوليس اختيارين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

# قيد تنهائي ڪاٽيان پيو، عام قيدين وارو کاڌو ملي: شاهه محمود قريشي

پي ٽي آءِ چيئرمين شپ بابت افواهه پکيڙي غلط فهميون پيدا ڪيون پيون وڃن

مون کي جيل ۾ ٻاهر هلڻ جي اجازت ناهي ۽ عام قيدين وانگر گهر جو کاڌو نٿو ملي

انصاف ۾ دير ٿي سگهي ٿي، انڌير نه ٿيڻ گهرجي، ڪالهه گهرڀاتين سان ملاقات ٿي، ٻارهن ڏينهن ٿيا جيل آيا

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي چيو آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين شپ بابت افواهه پکيڙي غلط فهميون پيدا ڪيون پيون وڃن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

## مولانا طارق جميل سلمان خان بابت وڏو انڪشاف ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان جي مذهبي اسڪالر مولانا طارق جميل چيو آهي ته سلمان خان سان ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير انور علي حيدر سان ترڪي جي سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

# ترڪيه کي انڊيا، وچ اوڀر ۽ يورپ جي اقتصادي راهداري تي اعتراض

هي ڪوريڊور اسان جي بنا ممڪن نه ٿو ٿي سگهي: طيب اردگان

معاشي ۽ مالي نقصان کان سواءِ ترڪيه کي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو

انقره (م ڊ) ترڪيه جي صدر رجب طيب اردگان انڊيا، وچ اوڀر ۽ يورپ جي اقتصادي راهداري تي اعتراض ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ترڪ صدر رجب طيب اردگان

# ڪراچي: موٽرسائيڪل ٽرڪ سان ٽڪرائجي ماءُ ۽ ڌيءُ ڪچلجي ويون

لانڍي فردوس ڪالوني ۾ نجي ڪمپني پرسان افسوسناڪ حادثو پيش آيو

حادثي ۾ ماءُ ۽ ڌيءُ فوت، جڏهن ته پٽ زخمي ٿي پيو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ موٽرسائيڪل ٽرڪ سان ٽڪرائجي ماءُ ۽ ڌيءُ ڪچلجي فوت ٿي ويون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

# مال جي واڙي ۾ گهڙڻ تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 5 ڄڻا مارجي ويا، ڪيترائي زخمي

ڀارتي رياست مڌيا پرديش جي ضلعي دتيا جي ڳوٺ راندا ۾ ڏنگي ۾ پل ڌرين وچ ۾ مال جي واڙي ۾ گهڙڻ تان جهيڙو ٿي پيو

ڏينهن اڳ ڏنگي ۽ پل قبيلن جي ماڻهن وچ ۾ جانورن جي واڙي ۾ گهڙڻ تي تڪرار ٿيو هو: پوليس

نئين دهلي (م ڊ) ڀارتي رياست مڌيا پرديش ۾ مال جي واڙي ۾ گهڙڻ تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

# ڪراچي ۾ انڌي گولي لڳڻ سان اسڪول ويندڙ ٻارڙي مارجي وئي

ٻارڙي مريم ثاقب مٿي ۾ گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي

ٻارڙي کي زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي هوءَ لاڏاڻو ڪري وئي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ انڌي گولي لڳڻ سبب 7 ورهين جي ٻارڙي مريم ثاقب مارجي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

# جناح اسپتال جي مريضن کي هاجيڪار کاڌو ڪارائڻ جو انڪشاف، ڪميٽي قائم

سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر سيڪريٽري صحت کي انڪوائري ڪميٽي جوڙڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڊرگ اينڊ فوڊ انسپيڪٽر ڪچن مان ڪکڙ ۽ مڇي جي گوشت جا نمونا حاصل ڪري ورتا

پهچي نمونن جي جديد ليبارٽري ذريعي ٽيسٽ ڪئي ويندي ۽ جلد رپورٽ تيار ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) جناح اسپتال ڪراچي جي مريضن کي هاجيڪار کاڌو ڪارائڻ جو انڪشاف، مقبول باقر سيڪريٽري صحت کي انڪوائري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني ڪامن ويلٿ ڪمشن اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

# سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ يونيورسٽي انتظاميا پاران شاگردن خلاف درخواست داخل

دائود انجنيئرنگ يونيورسٽي جو لوگو استعمال ڪرڻ خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ يونيورسٽي انتظاميا پاران شاگردن خلاف درخواست داخل ڪئي وئي

عدالت شاگردن کي نوٽيس جاري ڪندي 9 آڪٽوبر تائين جواب طلب ڪري ورتو

شاگردن پنهنجي بينرهيٺ يونيورسٽي جو لوگو لڳائي ڇڏيو هو ۽ ان شاگردن کي منع ڪيو: درخواست جو متن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ يونيورسٽي انتظاميا پاران شاگردن خلاف درخواست داخل ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

# ٺٽون دمبالو جي سينئر صحافي رپورٽر قادر بخش ڪورائي مٿان ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافين ۽ شهرين پاران عبدالغفار لغاري، معشوق لغاري، فقير علي نواز نانگو، آچر فقير گلزار لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

پوليس پوٽارن جي ونگار رهندي صحافي قادر بخش ڪورائي تي جهيڙي جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري نا انصافي ڪئي آهي : مظاهرين

نوٽيس وٺي صحافي قادر بخش ڪورائي مٿان داخل ڪيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري ايس ايڇ او ٽنڊو غلام علي کي معطل ڪيو وڃي

گلاب لغاري (رپورٽر گلزار لغاري) گلاب لغاري ٺٽون دمبالو جي سينئر صحافي آواز ٽي وي نيوز جي رپورٽر قادر بخش ڪورائي مٿان ڪوڙو ڪيس درج ڪري کين گرفتار ڪرڻ تي شديد ... غلام علي پوليس خلاف گلاب لغاري ۽ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گلاب لغاري : صحافي مٿان ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

## بدين ۾ پيپلز پارٽي کي وڏو ڌڪ، پارٽي اڳواڻ ۽ اڳوڻو ناظم مسلم ليگ فنڪشنل ۾ شامل

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ ۾ مسلسل پندرهن سال حڪومت ۾ پارٽي جي ڪارڪنن ۽ مقامي اڳواڻن کي مسلسل نظرانداز ڪرڻ تي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

# دادو ۾ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي سڏ تي بک هڙتال

استادن عنايت جمالي، شمشاد جتوئي، وسيم ڪوڪر، صابر ڏاڃ، اياز ٿيبو ۽ ٻين جي شرڪت

پي ايس ٽي مان اپ ايس ٽي ۾ پروموشن استادن جو حق آهي، انصاف ڏياريو وڃي : اڳواڻ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي سڏ تي ... استادن جا پروموشن نه ٿيڻ خلاف ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

# محرابپور ۾ عورت پاران اڳوڻي مڙس جي زيادتين خلاف احتجاج

عاطف علي شيخ مون مٿان سخت تشدد جو نشانو بڻايو، عدالت مان طلاق ٿي وئي هئي : عورت

معاملي جي نوٽيس وٺي منهنجي اڳوڻي مڙس خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محرابپور ... ڪري ميڊيا هائوس ۾ پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي ... مڙس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

محرابپور : عورت اڳوڻي مڙس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

# دڙو پرسان ڦرجي ميڻا واردات دوران مارجي ويل ڦورو جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

دڙو ـ ٽنڊو حيدرآباد روڊ بند، وارثن پاران ڦرڻ جي واقعي ۾ قتل ڪيل نوجوان جي اعليٰ سطح جانچ ڪرائي انصاف ڏيارڻ جو مطالبو

اسان جي نوجوان امير بخش هولائي کي بيگناهه قتل ڪيو ويو آهي، معاملي جي جاچ ڪئي وڃي : مظاهرين

واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون، 12 ڪلاڪن اندر جاچ مڪمل ڪري اصل حقيقت منظرعام تي آندي ويندي : پوليس

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو پرسان ڦرجي ميڻا واردات دوران مارجي ويل ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

## شهدادڪوٽ ۾ صحافي شهيد جان محمد مهر جي تصوير اڳيان ميڻ بتيون ٻاري پيڻا پيش

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) پريس ڪلب شهدادڪوٽ ۽ سکر جي سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي تصوير اڳيان ميڻ بتيون ٻاري پيڻا پيش ڪئي وئي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دڙو : مارجي ويل نوجوان جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

# سجاول جي هڪ يونين ڪائونسل سيڪريٽري کي 5 مختلف اضافي چارجون ملڻ جو انڪشاف

سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ سميت لاڳاپيل اختيارين کي ليگل نوٽيس جاري

قانوني طور تي هڪ باٿر سيڪريٽري رجب سوڊو ولد آرو سوڊو کي 5 يوسيز جون چارجون ڏنيون ويون آهن : متن

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) سجاول ضلعي جي انتظاميه جو ڪارنامو!! هڪ يونين ڪائونسل سيڪريٽري کي 5 مختلف ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

# ٽنڊو محمد خان ۾ جسم پاران افضل لنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

جيئي سنڌ محاذ ضلعي صدر ايوب ڪريجو، صدام زنگيجو، مجاهد هاليپوٽو، ساجد سنڌي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

شهيد افضل لنڊ سنڌ جو عاشق هو سنڌ جي وارثن پاران ٿيندڙ ظلم خلاف آواز اٿاريندڙ هو سندس قتل جي مذمت ڪيون ٿا : مظاهرين

جيڪڏهن شهيد افضل لنڊ جا قاتل فوري طور گرفتار نه ڪيا ويا ته اسان جو احتجاج جاري رهندو، انصاف ڏياريو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ذ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ جيئي سنڌ محاذ پاران ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

## سکر سماجي فورم جي سيڪريٽري مجيد نواز مغل جي سالي جي نياڻي لاڏاڻو ڪري وئي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي سماج سڌارڪ ... جي سالي اڳاري ڏينهن لاڙڪاڻي اسپتال ۾ وفات ڪري وئي، سندس جنازي ۾ واديبن صحافين واپارين سياسي سماجي ڪارڪنن ۽ معزز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان : شهيد افضل لنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

# حقيقي واپارين سان گڏ اجلاس منعقد ڪري اگهه مقرر ڪيا وڃن : محمد جاويد ميمڻ

انتظاميه من پسند واپارين سان فرضي اجلاس منعقد ڪري بند ڪمرن ۾ ويهي رهي آهي

ڪاڏي خوراڪ جون شيون فراهم ڪرڻ جي لاءِ اگهه مقرر ڪرڻ جي خانه پوري ڪئي وئي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر محمد جاويد ميمڻ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

# ٺٽي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر محمد خان پنگوار پاران ڪارروائي

سيل ڪيل کنڊ، اٽي ۽ پاڻ جي گدام مالڪن تي هڪ لک رپيا ڏنڊ لاڳو

ضلعي انتظاميه عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي : اي سي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ڀٽي) ڊپٽي ڪمشنر ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

# ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پاران احتجاجي مظاهرو

مهانگائي، بيروزگاري، بدامني، شهيد جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاج ڪيو ويو

مهانگائي سبب غريب ماڻهو ... پريشان زندگي گذارڻ تي مجبور آهن : اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (ر مظفر علي بروهي) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو محمد خان : سنڌ هاري ڪاميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

# نوشهروفيروز ڊپٽي ڪمشنر جي اڳواڻي ۾ بجلي جي چوري جي روڪٿ لاءِ ڪاميٽي قائم

جوڙيل ڪاميٽي هر هفتي اجلاس منعقد ڪري بجلي چوري ڪندڙن خلاف ڪارروائي بابت آگاهي فراهم ڪندي

ضرورت جي بنياد تي فوجداري ڪارروائي جي وقت سرڪاري لاءِ ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر کان قانوني مشورو وٺي سگهندي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

# خانپور ۾ سيني اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

احتجاجي ڌرڻي سبب سنڌ پنجاب ۽ پشاور طرف اينڊ ويندڙ ٽريفڪ معطل رهي، مسافر پريشان

ڊي آءِ پي انچارج سيد شاهه جهان شاهه اڳواڻن سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرائي ورتو

جيسيتائين اسان جا سڀ مغوي بازياب نه ٿيندا اسان جو ڌرڻو جاري رهندو : مظاهرين

خانپور (عتيق ايزاني/خانپورمهيو) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

## ٽنڊو محمد خان ۾ واپڊا پاران بجلي جي چوري خلاف ڪريڪ ڊائون شروع

ٽنڊو محمد خان (ذ ر مظفر علي بروهي) ... ڪارروائين ڪانٽو، ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ ڪا به گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهي آهي، واپڊا جي اختيارين جو چوڻ آهي ته بجلي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

خانپور : اغوا ٿي ويل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

# سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ميئر ارسلان اسلام شيخ، اڳوڻي ڊپٽي ميئر طارق چوهاڻ، چونڊيل نمائندن غلام مرتضيٰ گهانگهرو، غلام ياسين آرائين ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

شهيد صحافي جان محمد مهر جي صحافت ۾ هاڪاري ڪردار کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي، وارث انصاف لاءِ منتظر آهن : مظاهرين

32 ڏينهن گذري چڪا آهن پر پوليس ملوث اصل جوابدار گرفتار ناهي ڪري سگهي جنهن تي ڪنهن به صورت ۾ خاموش ٿي نه ويهنداسين

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ جدوجهد جاري رکندي سکر پريس ڪلب آڏو صحافين سان گڏ بک هڙتال ۾ يڪجهتي طور ميئر سکر ۽ ٻين چونڊيل نمائندن ڪري قاتلن کي انجام تائين پهچائڻ جو مطالبو ڪيو آهي سکر يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 32 ڏينهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

# بدين ۾ پاڪستان فشر فوڪ فورم ۽ ٽيل آبادگار ايسوسيشن پاران پاڻي جي کوٽ خلاف مارچ

اڪرم واهه جي 96 آرڊي تان نڪرندڙ نئون واهه غيرقانوني آهي، جلدي بند ڪري آبادگارن سان انصاف ڪيو وڃي : محمد اسلم ملاح

اسان جا فصل تباهه ٿي رهيا آهن ڪامورا وڏي رشوت وٺي اسان جو پاڻي وڪڻي رهيا آهن ڪير به پڇڻ وارو ناهي : حاجي نبي بخش ملاح

جيڪڏهن پاڻي تي ڌاڙي خلاف ايڪشن نه ورتو ويو ته اسان ايم ڊي سيڊا جي آفيس اڳيان هزارن جي تعداد ۾ گڏ ٿي ڌرڻو هڻنداسين

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ پاڪستان فشر فوڪ فورم ۽ ٽيل آبادگار ايسوسيشن پاران اڪرم واهه ۾ مسلسل پاڻي جي کوٽ ۽ اڪرم واهه ۾ روز لڳندڙ ڌاڙن خلاف علي بندر کان سنهي گهوٽي تائين سون جي تعداد ۾ آبادگارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

## نوشهروفيروز ۾ سنڌ صحافي اتحاد پاران شهيد جان محمد مهر کي ڏيئا ٻاري پيتا پيش

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ سنڌ صحافي اتحاد پاران شهيد جان محمد مهر کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ پريس ڪلب آڏو ڏيئا ٻاري پيتا پيش ڪري قاتلن ۽ سهولتڪارن جي عدم گرفتاري خلاف سخت تعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن يونس راڄپر ساگر يوسف منگي خادم مري علي نواز سولنگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

بدين : آبادگارن پاران پاڻي جي کوٽ خلاف مارچ ڪيو پيو وڃي

# محرابپور ۾ معصوم مستانيءَ سان ڏاڍائي جي ڪوشش ڪندڙ وحشي گرفتار

مستاني نياڻي گهران شيءِ وٺڻ نڪتي ته ان وحشي جوابدار ڪيس وٺي وڃي زيادتي جي ڪوشش ڪئي

ٻارڻ گهر اطلاع ڏنو ته گهر ڀاتين موقعي تي پهچي نياڻي کي لجالت کان بچائي ورتو

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محرابپور ۾ معصوم مستانيءَ سان ڏاڍائي جي ڪوشش ڪندڙ وحشي گرفتار، ڪيس داخل، محرابپور پوليس هڪ وحشي جوابدار صاحب خان سهتي کي گرفتار ڪيو آهي، جيڪو معصوم ٻارڙن کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

# هترادو مهانگائي ۽ ذخيره اندوزن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي : ڊي سي سکر

عام واهپي جي شين جا نوان اگهه مقرر ڪيا جن تي سختيءَ سان عملدرآمد ڪرائڻ جون هدايتون

دال مسور هڪ نمبر هول سيل 320 رپيا ۽ رٽيل 335 رپيا، دال مسور 2 نمبر هول سيل 300 اگهه مقرر

سکر (رپورٽ :امداد علي گل ڪلوڙ) ڊپٽي ڪمشنر سکر فياض احمد مهيسر ڪاڏي پيتي جي شين جا نوان اگهه هول سيل ۽ سمال ٽريڊرز جي اڳواڻن ۽ واپارين جي صلاح مشورن سان مقرر ڪندي خبردار ڪيو آهي ته هترادو مهانگائي ۽ ذخيره/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر : ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

# ڏوڪري ۾ ويگن سروس پنجن ڏينهن کان بند، سفري سهولت ختم ٿيڻ سبب عوام پريشان

ڳاٽي توڙ ڪراين سبب عوام سنجي ويو ڪنهن به نوٽيس نه ورتو، ٽرانسپورٽ ڪاتو پڻ چپ جو روزو رکي ڇڏيو

ويگن سروس باٿر ٽرانسپورٽر ڏرين جي معمولي ڳالهه تان ٿيل جهيڙي سبب عوام سفري سهولت کان محروم

بنا دير ڏوڪري، باڊهه، باقراڻي ۽ لاڙڪاڻو روٽ تي هلندڙ ويگن سروس معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي : رهواسي

ڏوڪري( رپورٽر) وڙهن سان لتاڙجن ٻوڙا، ٽرانسپورٽرن ۾ جهيڙو، ڏوڪري باڊهه لاڙڪاڻو روٽ تي هلندڙ ويگن سروس پنجن ڏينهن کان بند، سفري سهولت ختم ٿيڻ سبب عوام سخت پريشان، ڳاٽي توڙ ڪراين سبب عوام سنجي ويو ڪنهن به نوٽيس نه ورتو، ٽرانسپورٽ ڪاتو پڻ چپ جو روزو رکي ڇڏيو تفصيل موجب ڏوڪري، باڊهه ۽ لاڙڪاڻو روٽ تي هلندڙ ويگن سروس باٿر ٽرانسپورٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

# شڪارپور ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ذخيره اندوزن ۽ پيٽرول پمپن تي ڪاروايون

ڪاتي پيتي جي شين جو ذخيرو ڪندڙ ۽ غير رجسٽرڊ گودامن ۽ پيٽرول پمپن کي سيل ڪري ڏنڊ مڙهيا ويا

اسسٽنٽ ڪمشنر پاران اڻ رجسٽرڊ پيٽرول پمپن جي خلاف پڻ ڪاروائي ڪري سيل ڪيو ويو

کنڊ، گيهه، تيل، يوريا ۽ ڪاڏي پيتي جي شين کي زخيرو ڪري گدامن ۾ رکندڙن خلاف ڏنڊ وصول

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ ذخيره اندوزن ۽ پيٽرول پمپن تي ڪاروايون، ڪاتي پيتي جي شين جو ذخيرو ڪندڙ ۽ غير رجسٽرڊ گودامن ۽ پيٽرول پمپن کي سيل ڪري ڏنڊ مڙهيا ويا. خبر موجب: اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

## ٽنڊو آدم ۾ بي دردي سان قتل ٿيل خيرپور ناٿن شاهه واسي افضل لنڊ جا قاتل گرفتار نه ٿيا

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانديو) ٽنڊو آدم ۾ بي دردي سان قتل ٿيل خيرپور ناٿن شاهه واسي افضل لنڊ جا قاتل گرفتار نه ٿيا. ڏرتي ڏٽي تحريڪ کي اين شاهه پاران ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو تفصيل موجب ٽنڊو آدم ۾ بي دردي سان قتل ٿيل خيرپور ناٿن شاهه واسي افضل لنڊ جا قاتل گرفتار نه ٿيا. ڌرتي ڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

شڪارپور : اسسٽنٽ ڪمشنر ذخيرو اندوز ڪندڙن خلاف ڪارروايون ڪري رهيو آهي

# اين اي 242 جو عوام اسان کي ايوانن ۾ ڏسڻ چاهي ٿو : حاڪم علي جسڪاڻي

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي مهم کي اڳتي وڌائيندي عوام جي خدمت ڪندا رهنداسين

ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب ۽ سلمان عبدالله مراد شهر جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن

ايندڙ چونڊن ۾ پ پ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي ۽ ملڪ جو وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) پ پ سنڌ ڪائونسل جي ميمبر ۽ اين اي 242 جي اميدوار حاڪم علي جسڪاڻي چيو آهي ته هو سياست کي عبادت سمجهن ٿا، پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي مهم کي اڳتي وڌائيندي عوام جي خدمت ڪندا رهنداسين. هن چيو ته اين اي 242 جو عوام اسان کي ايوانن ۾ ڏسڻ چاهي ٿو هن چيو ته گذريل دفعي اها سيٽ پي ٽي آءِ کي زبردستي ڏني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

# سکر ۾ جماعت اصلاح المسلمين سنڌ پاران جشن عيد ميلاد النبي ﷺ بابت اجلاس منعقد

پاڪستان ۾ عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم انتهائي عقيدت ۽ احترام ۽ مذهبي جوش جذبي سان ملهايو ويندو : اڳواڻ

گهرن، دڪانن، گهٽين، محلن، بازارن، گاڏين، موٽرسائيڪلن کي جماعت جي گنبد خضرا جي جهنڊن ۽ روشنين سان سينگاريو ويندو

ربيع الاول جو مهينو امن ۽ سلامتي جو سرچشمو آهي، ربيع الاول جو مهينو خوشين ۽ خوشين کي ملهائڻ جو مهينو آهي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ جماعت اصلاح المسلمين سنڌ جو اعلاميو جماعت اصلاح المسلمين جي ضلعن ۽ برانچز ۾ جشن عيد ميلاد النبي ملهايو پيو وڃي پاڪستان ۾ عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم انتهائي عقيدت ۽ احترام ۽ مذهبي جوش جذبي سان ملهائي ريندي، جلوس، ريليون، محافل، ڪانفرنسون، شاگردن جي تقريري مقابلا، نعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

## سکر ۾ بجلي چورن ۽ ڊيوٽي ۾ ڪوتاهي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي : ايس ڊي او

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) ايس ڊي او سب ڊويزن 4 رياض حسين چيو آهي ته سچي ملڪ وانگر سکر ۾ به بجلي چورن ۽ ڊيوٽي ۾ ڪوتاهي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي، اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته بجلي چورن ۽ نااهلي ڪندڙن خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر : جشن عيد ميلاد النبي ﷺ بابت ٿيل اجلاس جو ڏيک

# ٽنڊو محمد خان ۾ قومي ورڪر روشن ٺاڪر جي گرفتاري خلاف احتجاج

قومي ورڪر روشن ٺاڪر کي گرفتار ڪري تشدد جو نشانو بڻائي گرفتار ڪيو ويو آهي : مظاهرين

گرفتارين جو سلسلو بند ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ هاڻي احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ٽنڊو محمد خان (ذ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم پاران قومي ورڪر روشن ٺاڪر جي گرفتاري خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاجي مظاهري کي جسقم آريسر جي اڳواڻ شاهه فهد پٽي، سڪندر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

# جهڏو ۾ صحافي قادر بخش ڪورائي تي ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاج

سنڌ ۾ پوليس وڏيرن جي ونگار تي ڪوڙا ڪيس صحافين مٿان داخل ڪري پئي : مظاهرين

معاملي جي جاچ ڪرائي صحافي مٿان داخل ڪيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ ٺٽون دمبالو جي سينيئر صحافي قادر بخش ڪورائي تي ٽنڊو غلام علي پوليس پاران ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ميڊيا سينٽر جهڏو جي صحافين وسيم يوسف راهمون، سريش ڪمار، اسحاق ساگر پٽي، غلام نبي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

# نوشهروفيروز ۾ پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي پاران تحفظ جو مطالبو

اسان جي پرڻي بعد ڪجهه ماڻهو ڌمڪائي رهيا آهن ان لاءِ تحفظ فراهم ڪيو وڃي : جوڙو

اڳوڻي مڙس جمعي ڪيس سال اڳ طلاق ڏئي ڇڏي هئي، نوٽيس وٺي تحفظ ڏنو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي ناري حليمه ۽ احسان علي سولنگي ميڊيا آڏو داهيو آهي ته هنن پسند جي شادي ڪئي آهي پر ڪجهه ماڻهو ڌمڪائي رهيا آهن ان لاءِ تحفظ فراهم ڪيو وڃي. ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز : پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

# نوابشاهه : ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل بروهي برادري جي ٽن ڄڻن جي بازيابي لاءِ دانهون

سنڌ ۾ بدامني عروج تي آهي، جڏهن ته اغوا ۽ ڦرجون وارداتون ڏينهن ڏٺي جو سرعام ٿي رهيون آهن : ناصر بروهي ۽ ٻيا

اسان جي برادري جا ٽي ماڻهو قدير بروهي، ياسين بروهي، جلال خان بروهي کي ڌاڙيل اغوا ڪري کڻي ويا آهن

پوليس ۽ ڌاڙيلن جون پاڻ ۾ ڳٽ جوڙ آهي ۽ پوليس کي خبر آهي ته اغوا ٿيل ماڻهو ڪٿي ۽ ڪنهن وٽ آهن

نوابشاهه (رپورٽر) ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل بروهي برادري جي ٽن ڄڻن جي بازيابي لاءِ سنڌ بروهي اتحاد جي چيئرمين علي حسن بروهي نوابشاهه پريس ڪلب ۾ ناصر بروهي، شير محمد بروهي، جهانگير بروهي، خدا داد بروهي ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ ۾ بدامني عروج تي آهي، جڏهن ته اغوا ۽ ڦرجون وارداتون ڏينهن ڏٺي جو سرعام ٿي رهيون آهن. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

# ٽنڊو محمد خان ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران مهانگائي، ڪرپشن ۽ ٻين مسئلن خلاف احتجاجي ريلي

اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ هزارين ماڻهن ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس کان پيادل مارچ ڪري ايوبيا اسٽاپ وٽ ڌرڻو هنيو

پ پ حڪومت جا 15 سال سنڌ ۾ بي پناهه ڪرپشن، مهانگائي، بک، بدحالي، بيروزگاري ۽ زرعي تباهي وارا رهيا : اياز لطيف پليجو

سنڌ کي ترقي يافته خوشحال ڏسڻ جا خواب ڏسندڙ ماڻهو ڪرپٽ نمائندن سان مقابلو ڪن، بلاول ڀٽو عوام سان ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان (ذ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران مهانگائي ۽ ڪرپشن خلاف، امن، روزگار، قومي حقن ۽ ترقي لاءِ اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ هزارين ماڻهن ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس کان پيادل مارچ ڪري ايوبيا اسٽاپ وٽ ڌرڻو هنيو احتجاج ۾ ٽنڊو محمد خان جي ضلعي صدر رمضان رند، سنڌياڻي تحريڪ جي صدر زينت سمون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

## ڳاڙهو ۾ گورنمينٽ مڊل اسڪول مهر جي ناقص ڪم خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳاڙهو (رپورٽر) گورنمينٽ مڊل اسڪول مهر جي ناقص ڪم خلاف شاگردن استادن ۽ والدين جو احتجاج ٺيڪيدار خلاف ڪاروائي جو مطالبو خبر موجب ٺٽي ضلعي جي يوسي مهر جي گورنمينٽ مڊل اسڪول مهر جي شاگردن استادن ۽ والدين گڏيل طور تي احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته اسڪول جو هلندڙ مرمتي ڪم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان : قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

# خانپور مهر ۾ سيپڪو پاران غير قانوني بجلي هلائيندڙن خلاف آپريشن

آپريشن دوران ڪيترائي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيا، بجلي چوري ڪندڙن تي ڪيس داخل

جيستائين رهتون بل ادا نه ڪيا ويندا ان وقت تائين علائقن جي بجلي بحال نه ڪئي ويندي : عملدار

ايف آئي آر داخل ڪيو ويون آهن جڏهن 10 کان وڌيڪ ايف آئي آرز لاءِ ٿاڻي تي درخواست ڏنل آهي

خانپورمهر( رپورٽ:آفتاب سيال) خانپور مهر ۾ سيپڪو پاران غير قانوني بجلي هلائيندڙن خلاف آپريشن، ڪيترائي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيا، بجلي چوري ڪندڙن تي ڪيس داخل، خبرموجب، خانپور مهر سيپڪو سب ڊويزن خانڳڙهه پاران شهر سميت مختلف علائقن ۾ آپريشن ڪري ڪيترائي ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيا، سيپڪو عملدارن نرو باغ. شاهپورمهر، پير بخش / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

# علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي پهرين مرحلي جي داخلا جي تاريخ ۾ واڌ

ميٽرڪ ۽ انٽرميڊيٽ جا نوان شاگرد ليٽ فيس چارجز سان 20 سيپٽمبر تائين داخلا وٺي سگهن ٿا : ترجمان

علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي سيمسٽر خزان 2023 جي ٻئي فيز ۾ پڻ داخلائن جو آغاز ٿي چڪو آهي

آفيسن ۽ سويفٽ سينٽر بابت معلومات يونيورسٽي جي ويب سائيٽ يا هيلپ لائن تان حاصل ڪري سگهجي ٿي

ڪنديارو(رپورٽر) علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ريجنل ڊائريڪٽر مورو محسن خان پڌرائي ٻڌايو آهي ته علامه اقبال اوپن يونيورسٽي خزان 2023 جي پهرين مرحلي جي داخلا جي تاريخ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي ميٽرڪ ۽ انٽرميڊيٽ جا نوان شاگرد ليٽ فيس چارجز سان 20 سيپٽمبر تائين داخلا وٺي سگهن ٿا جڏهن ته اڳ ۾ ئي رجسٽرڊ ٿيل شاگرد 05 آڪٽومبر تائين ليٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

***روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
# سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 15 سيپٽمبر 2023ع

## نگران منتظمين پاڻ ’اسٽيٽسڪو‘ جا محافظ بڻجي ويا!

ڇا نگران منتظمين اڳوڻي حڪومت جي ڇڏيل ”ورثي“ ۽ ”اثاثن“ جا به نگران آهن. جيڪي گذريل چونڊيل حڪومت ڇڏي وئي هئي ۽ اها امانت بنا ڪنهن بهتري جي خيانت ڪرڻ جي امانت باسلامت ايندڙ چونڊيل حڪومت کي واپس ٿي ويندي؟ جي ائين ناهي ته پوءِ ٿورو ذهن کي ڪجهه هفتا پوئتي وٺي وڃو. جڏهن نگران حڪمرانن ايندي ئي ڌمانن سان ڀرپور وڏا اعلان ڪيا هئا ته ڪچي ۽ پڪي جي ڌاڙيلن کي نه ڇڏيو ويندو. ڌاڙيلن جي خاتمي لاءِ انٽيليجنس بيسڊ ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو ويندو پر هاڻي نگران منتظمين وري اڳوڻي انتظاميا وارن پراڻن پيچرن تي اچي ويا آهن ۽ انهن وري رياستي قانون جي مٽيرائپ ۽ عملداري قائم رکڻ بدران سردارن کي مغوين جي آزاديءَ لاءِ منٿ ميڙ ڪندي ڪين ٽاسڪ ڏئي ڇڏيو آهي. ان حوالي سان خبر آهي ته پوليس جي ساگر ڪمار کي بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪاميءَ کانپوءِ سنڌ جي گهرو معاملن واري نگران وزير ٻن ڏينهن ۾ ساگر ڪمار جي بازيابيءَ جو ٽاسڪ هڪ سردار کي ڏنو ويو آهي. خبرن موجب ساگر ڪمار جي بازيابيءَ لاءِ ڪچي جي چڱن مڙسن جي مدد سان راڄوڻي ڪوششون ورتيون پيون وڃن. جيڪو عمل نگران منتظمين پاران اسٽيٽسڪو اڳيان جهڪڻ نه آهي ته ڀلا ٻيو ڇا آهي؟

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته. ”جنهن ايرنڌي سوجهرو نه ڪيو، اهو الهندي ڪهڙو سوجهرو ڪندو؟“ اهڙي صورتحال سنڌ جي نگران منتظمين جي پڻ آهي. انتظام سنڀالڻ وقت ڌاڙيلن کي ناس ڪرڻ جي حوالي سان نگرانن جي جيڪا گجگوڙ ٻڌي وئي هئي، اها بي اثر ثابت ٿي ۽ انهن نگرانن به اسٽيٽسڪو کي برقرار رکڻ ۾ ئي عافيت سمجهي آهي. عام ماڻهن ته ڪنهن تڪڙي تحرڪ ۽ تدارڪ جو آسرو تڏهن ئي ڀلي ڇڏيو هو، جڏهن ڪشمور واري ڏرٽي دوران مغوين کي ”بازياب“ ڪرايو ويو پر نه ڪو پوليس مقابلو ٿيو، نه وري ڪو آپريشن ٿيو. نه ئي ڌاڙيل گرفتار ٿيا، نه پوليس وارن کي شهادت جي سعادت نصيب ٿي ۽ نه ئي ڌاڙيل ماريا ويا پر مغوين کي آڻيندڙ ايس ايس پي کان گهرو کاتي اها پڇا به نه ڪئي ته مغوي ڪهڙن ڌاڙيلن جي ٿر ۽ ٽاڪ تي هئا؟ اهي ڌاڙيل ڪير آهن ۽ ڪٿي آهن؟ مغوي ايس ايس پي جي حوالي ڪنهن ڪيا؟ ويتر پردهداري ڪئي وئي، ڌاڙيلن ۽ انهن جي سرپرستي ڪندڙ ”اشرافيه“ جي پردهداريءَ جو مطلب ڇا آهي؟ اهو عوام دشمن سسٽم جي آڻ مڃڻ ناهي ته ڀلا ٻيو ڇا آهي؟ ويتر نگران منتظمين چيو آهي ته ڏرٽا مسئلن جو حل ناهن ۽ انهن عوام کي پوليس سان سهڪار ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي. نگرانن کي به اها پروڙ آهي ته پوليس ڏوهن ۾ ملوث آهي، پوليس جا ڪچي جي ڌاڙيلن سان واسطا آهن. اهڙو علم هوندي پوءِ عوام کي چيو وڃي ٿو ته پوليس سان تعاون ڪيو وڃي، جنهن جو مطلب ڇا آهي؟ ڪجهه ڏينهن کان نگران حڪومت جتي انتظامي آفيسرن جون بدليون پئي ڪري، اتي پوليس ۾ به وڏي رد و بدل ڪئي وئي آهي. ضلعن جا ايس ايس پيز بدلي ڪيا ويا آهن. اها سڄي اٿل پٿل صرف هڪ ڏيکاءُ محسوس ٿئي ٿي. عوام لاءِ ان سڄي رد و بدل ۾ ڇا آهي، جڏهن منتظمين خود اسٽيٽسڪو جا محافظ بڻجي اچن!

اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته سنڌ مان اڏامي ويل امن جي پکيءَ جي واپسي تڏهن ئي ممڪن آهي. جڏهن رياستي قانون جي عملداري قائم ڪئي ويندي. پوليس، ڌوهارين ۽ ڌوهن جي سرپرستي ڪندڙ ”اشرافيه“ تي ٻڌل ٽڪنڊو ٽوڙيو ويندو. ان ڪري ڌاڙيلن جي خاتمي لاءِ ڪچي ۽ پڪي جي ڌاڙيلن ۾ هٿ وڌو وڃي. ڌوهن جي سرپرستي ڪندڙ سردار_ پوليس _ ڌاڙيلن جو ڳٺ جوڙ ڳجهو نه آهي. ڌاڙيل ۽ انهن جا سرپرست عوامي دٻاءُ اڳيان ٻنهه هيٺا ۽ ڪمزور آهن. اهو ڪشمور واري تاريخي عوامي پاور شو دوران ئي واضح ٿي ويو هو. ان ڪري ضروري آهي ته رياستي قانون جي عملداري قائم ڪئي وڃي، ڌاڙيلن کي هٿ وٺي هماليه جبل بڻائي پيش ڪيو ويو آهي. جيڪا ڳالهه ائين نه آهي. اهي رياست اڳيان ڀلا ڪهڙي حيثيت ٿا رکن. ان ڪري ڌاڙيلن خلاف فيصلائتو آپريشن ڪري انهن کي ناس ڪيو وڃي ۽ ڌوهن جي سرپرستي ڪندڙ ”اشرافيه“ کي پٽو وڌو وڃي.

## ملڪ ڏانهن ’ميان‘ جي موٽ جو اعلان ’ڊيل‘ جو نتيجو آهي؟

اير بي سومرو

ملڪ ۾ عام چونڊون ڪڏهن ٿينديون؟ واري سوال تي اڃان بحث هلندڙ آهن پر اڃان ڪا حتمي تاريخ سامهون نه اچي سگهي آهي. باقي عام طور اهو محسوس ڪيو پيو وڃي ته جنوري جي آخري هفتي يا فيبروري جي پهرين هفتي ۾ عام چونڊون ٿي سگهن ٿيون. بحث ته پڻ هلي رهيو آهي ته عام چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪرڻ صدر جو اختيار آهي يا نه؟ ان حوالي سان ٻن قسمن جا رايا سامهون اچي رهيا آهن. جن ۾ هڪ راءِ اها آهي ته چو ته قومي اسيمبلي ٽوڙي وئي آهي. ان ڪري آئين تحت قومي اسيمبلي جي ٽڪن تي 90 ڏينهن ۾ عام چونڊ ڪرائڻ لاءِ تاريخ جو اعلان ڪرڻ صدر جو آئيني اختيار آهي. ٻي راءِ اها آهي ته جيئن ته قومي اسيمبلي سان گڏ چئني صوبائي اسيمبليون به موجود نه آهن. ان ڪري ملڪ اندر قومي اسيمبلي سميت چئني صوبائي اسيمبلين جي ٽڪن تي به هڪ ئي ڏينهن چونڊ ٿيڻي آهي. ان ڪري ملڪ اندر قومي اسيمبلي ۽ چئني صوبائي اسيمبلين جي ٽڪن تي هڪ ئي ڏينهن عام چونڊ ڪرائڻ جو اليڪشن ايڪٽ تحت اڳ صدر جو اختيار هو پر پي ڊي ايم حڪومت اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 57 ۾ ترميمي بل منظور ڪرائي صدر جو چونڊ تاريخ ڏيڻ جو اختيار ختم ڪري اهو اختيار اليڪشن ڪميشن حوالي ڪري ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي ته اليڪشن ڪميشن به اهو موقف اختيار ڪري رهي آهي ته چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار اليڪشن ڪميشن جو آهي پر صدر ان موقف کي تسليم نه ڪري رهيو آهي ۽ مسلسل اهي اطلاع اچي رهيا آهن ته صدر عام چونڊن جي تاريخ جو ڪنهن به وقت اعلان ڪري سگهي ٿو. ڏسڻو اهو آهي ته تازو 8 سيپٽمبر تي بطور صدر پنج سالن جي مدت مڪمل ڪري وٺندڙ ڊاڪٽر عارف علوي آئيني گنجائش تحت عبوري طور عهدي تي ويهي پنهنجي مرضي وارا سياسي فيصلا ڪرڻ وارو رستو اختيار ڪري ٿو يا نه. صدر کي ان حوالي سان مامرو واضح ڪرڻو پوندو، چو ته هڪ طرف عارف علوي مٿان پي ٽي آءِ فوري عام چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اعلان ڪرڻ جو بار بار مطالبو ڪري رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪالهه اربع ڏينهن تي صدر عارف علوي چيف اليڪشن ڪمشنر کي خط لکي 6 نومبر تي قومي اسيمبلي جي ٽڪن تي چونڊ ڪرائڻ جي تاريخ تجويز ڪئي آهي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته صدر جو خط ۾ اهو لکڻ ته قومي اسيمبلي جي ٽڪن تي 6 نومبر چونڊ جي تاريخ هجڻ گهرجي. صدر اگر آئيني طور تاريخ مقرر ڪرڻ پنهنجو اختيار سمجهي ٿو ته پوءِ کيس ”تاريخ مقرر ڪئي آهي. ان تاريخ تي چونڊ ڪرائي وڃي“ جو لکڻ گهرجي ها پر ائين صدر عارف علوي نه ڪيو آهي ۽ خط ۾ قومي ۽ چئني صوبائي اسيمبلين جي ٽڪن تي چونڊون هڪ ئي ڏينهن ڪرائڻ لاءِ اعليٰ عدليه سان به رجوع ڪرڻ جو چيو آهي. مطلب ته چونڊون ڪڏهن ٿينديون؟ وارو سوال اڃان تائين پنهنجي جاءِ تي موجود آهي.

بحث ته ان سوال تي به اڃان هلي رهيو آهي ته ايندڙ عام چونڊن ۾ پي ٽي آءِ هڪ پارٽي طور حصو وٺي سگهندي يا نه؟ نه رڳو ايترو پر ان حوالي سان اهو سوال به بحث هيٺ آهي ته جيڪڏهن پي ٽي آءِ حصو ورتو ته ڇا عمران خان چونڊ وڙهي سگهندو؟ ڇا عمران خان عام چونڊن کان اڳ جيل مان آزاد ٿي چونڊ مهم هلائي سگهندو يا مائنس عمران خان پي ٽي آءِ کي عام چونڊن جي ميدان ۾ لهڻو پوندو. بحث ته ان سوال تي به هلي رهيو آهي ته عام چونڊن بعد مرڪز ۾ حڪمران پارٽي جو تاج ڪهڙي پارٽي کي ملندو. ان حوالي سان پي ٽي آءِ وارا ته اهو سمجهي رهيا آهن ته اگر شفاف چونڊون ٿيون ته مرڪز ۾ حڪمراني جو تاج پي ٽي آءِ کي آساني سان ملي ويندو، چو ته عوامي حمايت، پي ٽي آءِ وارن موجب، واضح طور پي ٽي آءِ سان نظر اچي رهي آهي. پيپلزپارٽي به عام چونڊن بعد مرڪز ۾ حڪومت ناهي سگهڻ جي اميد لڳائي ويٺي آهي پر ان لاءِ پيپلزپارٽي کي سنڌ ۾ اڪثريت سان کٽڻ سان گڏ بلوچستان، ڪي پي ڪي ۽ پنجاب صوبي ۾ به سيٽون حاصل ڪرڻيون پونديون. جيڪو عمل پيپلزپارٽي لاءِ هڪ چئلينج بڻيل آهي. ائين عام چونڊن بعد حڪمران پارٽي جو تاج مسلم ليگ (ن) کي ملڻ بابت مسلم ليگ نواز جا اڳواڻ به پُراميد نظر اچي رهيا آهن. ان حوالي سان اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جي پرنسپل سيڪريٽري طور ڪم ڪندڙ فواد حسن فواد جي موجوده نگران ڪابينا ۾ وفاقي وزير طور شامل ٿيڻ کي هڪ اشاري طور ڪجهه حلقن سمجهڻ شروع ڪيو آهي. بهرحال مامرو ڪجهه به هجي پر فواد حسن فواد جي نگران ڪابينا ۾ شامل ٿيڻ مسلم ليگ (ن) لاءِ ميدان هموار ٿيڻ جو تاثر ڏيڻ جو عمل شروع ٿيو آهي. ڇا ان عمل کي اتفاق قرار ڏئي سگهجي ٿو ته جنهن ڏينهن صدر، فواد حسن فواد کي نگران ڪابينا ۾ شامل ڪرڻ جي منظوري ڏني، ان ڏينهن ئي مسلم ليگ نواز جي سربراهه ميان نواز شريف پاڻمرادو جلاوطني ختم ڪري لنڊن کان پاڪستان واپس اچڻ جي تاريخ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. معلوم نه آهي ته اهو اتفاق آهي يا ڪنهن طئه ٿيل حڪمت عملي جو حصو آهي پر نواز شريف جي ملڪ واپسي جو اعلان انتهائي اهم نوعيت جي سياسي پيش رفت آهي. چو ته پي ٽي آءِ دور ۾ پليٽليٽس خطرناڪ حد تائين ڪري پوڻ کي جواز بڻائي عدالتي اجازت سان 2019ع ۾ چئن هفتن لاءِ لنڊن ويل نواز شريف اڃان تائين پاڪستان نه آيو آهي. ان عرصي دوران سياسي مخالف نواز شريف کان واپس اچڻ جا مطالبا ڪندا رهيا پر نواز شريف جي اچڻ جو ڪو پروگرام سامهون نه آيو ايتري تائين جو مسلم ليگ (ن) جي تمام سينيئر اڳواڻ ۽ نواز شريف جي ويجهي ساٿي طور سڃاڻپ رکندڙ خواجه آصف ميڊيا ۾ اهو واضح بيان ڏئي چڪو آهي ته. ”نواز شريف جي ملڪ واپسي ان وقت تائين ممڪن نه آهي. جيستائين ان جي واپسي جي نتيجي ۾ ان لاءِ رسڪ ليول زيرو نه هوندي“. نواز شريف 21 آڪٽوبر تي ملڪ واپس اچڻ جو اعلان ڪيو آهي. سوال هي آهي ته ڇا نواز شريف لاءِ رسڪ ليول زيرو تي اچي چڪي آهي؟ سوال هي به آهي ته اها رسڪ ليول زيرو تي اچي چڪي آهي؟ سوال هي به آهي ته ڇا نواز شريف ملڪ واپس اچڻ بعد جيل ياترا کان بچي ويندو؟ اهڙي نوعيت جا ٻيا به ڪيترا ئي سوال ڪر کڻي بيٺا آهن. جن سوالن جا جواب نواز شريف جي ملڪ واپسي بعد ئي سامهون ايندا ۽ ڪجهه ملڻ شروع ٿي ويندا.

باقي في الحال مسلم ليگ نواز جي اڳواڻن کي اهو لڳي رهيو آهي ته نواز شريف جي ملڪ واپسي مسلم ليگ ن لاءِ وڏي سياسي فائدي جو سبب بڻجي. اگر نواز شريف ملڪ ايندي ئي گرفتار ڪيو ويو ته ان سان به نواز ليگ کي سياسي فائدو ٿيندو ۽ نواز شريف جي ملڪ واپس اچڻ بعد نواز ليگ کي اميد آهي ته ڪيس عدليه مان رليف ملي ويندو نه رڳو ايترو پر ملڪ اچڻ بعد نواز شريف پنهنجي عمر ڀر چونڊ وڙهڻ لاءِ نااهلي جي سزا خلاف اپيل به قاضي فائز عيسيٰ جي چيف جسٽس ٿيڻ بعد عدالت کي ڪري سگهندو. مسلم ليگ (ن) جا اڳواڻ سمجهن ٿا ته نواز شريف ملڪ واپس اچي مسلم ليگ نواز جي ووٽرن ۽ سپورٽرن کي پارٽي جي حق ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيندو. نواز ليگ اڳواڻن جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي اهو محسوس ٿي رهيو آهي ته کين اهو احساس آهي ته مسلم ليگ نواز جي مقبوليت کي ان جي گهر پنجاب ۾ نقصان پهتو آهي ۽ ان جو ايندڙ چونڊن ۾ پي ٽي آءِ سان سخت مقابلو آهي پر ڇا رڳو نواز شريف جي آمد سان مهانگائي ۽ ٻين سببن ڪري نواز ليگ جي مقبوليت ۾ پيل ڏينٽ ختم ٿي سگهندو ۽ مسلم ليگ (ن) ٻيهر پنجاب جي سڀ کان مقبول پارٽي بڻجي ويندي؟ اهو اهڙو سوال آهي جنهن جو جواب نواز ليگ وٽ پنهنجو ۽ پي ٽي آءِ ۽ پيپلزپارٽي وٽ جواب نواز ليگ کان بلڪل مختلف ۽ متضاد آهي. ائين ڪيترائي صحافتي حلقا به رڳو نواز شريف جي واپسي سان پنجاب ۾ نواز ليگ جي پراڻي مقبوليت بحال ٿيڻ کي مشڪل عمل سمجهي رهيا آهن. ڪجهه حلقا ته اهو به سمجهي رهيا آهن ته نواز شريف جي ملڪ واپسي جي پروگرام جي تاريخ ۾ تبديلي به ٿي سگهي ٿي. اگر نواز شريف جي واپسي ڪيل اعلان تحت ٿي وڃي ٿي ته اهو عمل هڪ طئه ٿيل حڪمت عملي جو حصو ٿي سگهي ٿو. سوال هي آهي ته نواز شريف پاناما ڪيس باوجود اگر چونڊ مهم هلائي ۽ عمران خان جيل اندر رهي ته ان کي سياسي حوالي سان ڪيئن حقي واجبي ۽ سيني لاءِ برابري جو ورتاءُ چئي سگهبو. اگر نواز شريف سان گڏ عمران خان به چونڊن لاءِ اهل ٿئي ٿو ۽ ٻنهي کي چونڊ مهم جي اجازت ملي ٿي ته ان سان عمران خان جي مقبوليت کي نواز شريف ڪيئن گهٽ ڪري سگهندو؟ ڪجهه حلقن جو خيال آهي ته عمران خان سان گڏ نواز شريف به چونڊن تائين جيل ۾ رهي سگهي ٿو. جنهن سان ”قانون سيني لاءِ برابر آهي“ جو تاثر به ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ ان سان نواز شريف لاءِ پنجاب ۾ موجوده نگران حڪومت ۾ جيل جي سختي علامتي هوندي.

ڪُوئي ڪُهي سُپرِين، ڪُوئي ڪُهڻَ سانُ؛
نيزي هيٺان نِينهنَ جي، پاسي ڪَرِ مَ پاڻُ؛
جُلُ، وِڃائي جانُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

## ڪراچي ۾ سنڌي ميڊيم اسڪول ختم ڪرڻ جي خطرناڪ سازش

خاصخيلي لطيف راولاڻي

ڪراچي ۾ سنڌي ٻولي کي ختم ڪرڻ ان جي خلاف سازشون ڪرڻ ۽ سنڌي ميڊيم اسڪولن کي اردو ميڊيم ڪرڻ جي پلاننگ ڪافي سالن کان جاري آهي جنهن ۾ اداري جا سربراهه سڌو سنئون ملوث رهيا آهن اها سازش جڏهن کان پيارو پاڪستان جو وجود پيو آهي تڏهن کان جاري آهي وڌيڪ تيزي انهي ۾ جڏهن بنگال آزاد ٿيو اچڻ شروع ٿي ۽ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي جو بل پاس ٿيو ته سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ۽ پڙهي ويندي ته ان وقت به اردو ٻولي وارن عام ماڻهو کان علاوه ترقي پسند دانشورن ۽ ليکڪن شاعرن به وڏو گوڙ ڪيو ته سنڌي ٻولي نه کپي جنگ اخبار ته وڏا وڏا ڪالم لکيا هئا اردو ڪا جنازه هي بڙي ڌوم سي نڪلي ان وقت هڪ غير سرڪاري انگ اکر موجب سوين سنڌي ميڊيم اسڪول ختم ڪري اردو ميڊيم ڪيا ويا جن جا واضح نشان اڄ به نظر اچن ٿا خاص طور تي عزيز آباد جي علائقي پنگوريا ڳوٺ جو اسڪول نيو ڪراچي جي سنڌي ڳوٺن جا اسڪول لياري جي سموري علائقي جا اسڪول ۽ ڪجه ملير جا اسڪول شامل آهن جن کي اردو ميڊيم ۾ تبديل ڪيو ويو اهڙو انڌير سرتيون جهڙو سنڌ ۾ واري صورتحال ٿي وئي ڪجه عرصو ٿا پر کان پوءِ ٻيهر اهڙيون سازشون ڪري سنڌي ميڊيم اسڪولن کي ختم ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ ابراهيم حيدري جا اسڪول ۽ يوسف عارفاڻي ڳوٺ جا اسڪول شامل آهن جيڪي قديم اسڪول آهن اتي ٻارن جو تعداد تقريبا سنڌي آهي آس پاس آبادي به سنڌي ڳالهائيندڙن جي آهي صرف اسٽاف جي ڪجه ڪوٽ آهي جيڪا پڻ هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت ڪئي وئي آهي جو سنڌي اسڪولن ۾ اردو ڳالهائڻ وارا مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي سنڌي ٻولي کان اڻ واقف آهن ۽ سنڌي ڪونه ٿا ڳالهائين ۽ پڙهائين ان اهم مسئلي تي علائقي واسي اڳوڻي جيان بي بس نظر اچي ٿو سماجي ۽ سياسي تنظيمون صرف اشوز جي سياست ڪن ٿيون ۽ ڪي ته ان مسئلي تي خاموشي اختيار ڪري ويٺا آهن ملير جو شعور ماٺو ٿي ويو آهي هر ڪو معاشي مسئلي ۾ ايڏو ته قابو ٿي ويو آهي جو آس پاس ٿيندڙ مسئلن تي ڌيان ئي ڪونه ٿو وڃي اها صورتحال لاڳيتو رهي ته ڪو ڏينهن اهڙو ايندو جو اسين سنڌي ميڊيم اسڪولن جي ڳولا لاءِ آرڪيالاجي اداري وٽ درخواست ڏينداسين ته سنڌي ميڊيم اسڪول ڳولي ڏيو ڪٿي سنڌي اسڪول هئا پرائيوٽ اسڪولن ۾ ته سنڌي پڙهائي ڪونه ٿي وڃي جنهن ۾ ٽي سي ايف جا اسڪول سرفهرست آهن جيڪي پڻ سموري سنڌ ۾ قائم آهن ان N کان علاوه جيڪي به ٻيا مشهور تعليمي ادارا آهن اتي به سنڌي ڪونه ٿي پڙهائي وڃي انگلش ميڊيم جي چڪر ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي کي ختم ڪيو پيو وڃي ٻولي ختم ٿي ويندي ته پوءِ قوم ڪٿين بچندي سياڻن چيو آهي قوم ٿي زنده رهي پر جي زبان زنده رهي قومن جي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ جي رستي ۾ ٻولي جو اهم رول هوندو آهي ان لاءِ اچو ته سڀ گڏجي ڪري ٻولي کي بچايون سنڌي ميڊيم اسڪول بچايون انهي ڏس ۾ تڪڙو قدم کڻندي سنڌي ميڊيا حرڪت ۾ اچي وئي ۽ انهن اخبارن خبرن کان علاوه ايڊوٽوريل به لکيا ۽ ڪافي اخبارن جي نمائندن متاثره اسڪول جو دورو ڪري سنڌي ميڊيم کي اردو ميڊيم ڪرڻ جي خطرناڪ سازش کي بينقاب ڪيو ۽ حد جي اعلي آفيسر کان ليٽر جاري ڪرايو ته ڪنهن به اسڪول جو ميڊيم تبديل نه ٿيندو انهي ڏس ۾ سخت ائڪشن کنيو ويندو پر هن کان اڳ ۾ خبر ناهي ڪيترا اسڪول اردو ميڊيم ڪيا ويا هئا جو ان وقت سوشل ميڊيا جو دور نه هو ۽ نه ئي ڪي اهڙيون سهولتون هيون هاڻي جديد دور ۾ ميڊيا جو اهم ڪردار آهي ۽ اهو پنهنجو رول چڱي نموني سان نڀائي رهي آهي ان کي اڃان به وڌيڪ متحرڪ ٿيڻ گهرجي جئين اڳ ۾ جيڪي به اسڪول اردو ميڊيم ٿيا آهن انهن کي ٻيهر سنڌي ميڊيم ۾ آندو وڃي ۽ اسڪولن جا نالا به تبديل ڪيا وڃن جيڪي ان وقت سياست جي ور چڙهي ويا هئا انهن اسڪولن جي نالن کي سنڌ جي قومي هيرو جي نالن سان لکيو وڃي جئين انهن جي خلاف ڪابه سازش نه ڪئي وڃي ۽ انهن کي اردو ميڊيم ٿيڻ کان بچايو وڃي..

**بقايا *** 01**

تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون. ڌماڪي سبب جي يو آءِ اڳواڻ جي ساٿين ۽ گارڊ سميت 11 ڄڻا زخمي ٿيا آهن جن کي مير بخش رئيساڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن واقعي واري هنڌ کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو آهي. جڏهن ته شاهديون گڏ ڪيون پيون وڃن. ان حوالي سان جي يو آءِ (ف) جي ترجمان اسلم غوري چيو آهي ته حافظ حمدالله ڌماڪي جي نتيجي ۾ معمولي زخمي ٿيو آهي. ڳڻتي جهڙي ڪابه ڳالهه آهي. ٻئي طرف نگران بلوچستان جي وڏي وزير علي مردان ڊومڪي ۽ صوبائي گهرو وزير زبير جمالي مستونگ ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي زخمين جي صحتيابي جي لاءِ دعا ڪئي آهي. زبير جمالي حافظ حمدالله تي حملي جي مذمت ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. جي يو آءِ اڳواڻ مولانا فضل الرحمان حافظ حمدالله تي ٿيل حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. مولانا فضل الرحمان حافظ حمدالله سميت ٻين زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪندي چيو ته دهشتگردي ۾ ملوث عناصر ڪنهن به رعايت جا مستحق نه آهن. مولانا فضل الرحمان چيو ته صوبائي نگران حڪومت هن افسوسناڪ واقعي جي ذميوارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائي. جي يو آءِ اڳواڻن تي چونڊن کان اڳ اهڙي طرح جا حملا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين. اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف به بلوچستان ۾ ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. اڳوڻي وزيراعظم حافظ حمدالله سميت ٻين زخمين سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو ۽ انهن جي صحتيابي جي دعا ڪئي. شهباز شريف چيو ته دهشتگرد هر محب وطن کي نشانو بڻائي رهيا آهن. پورو پاڪستان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ گڏ آهي. اڳوڻي صدر آصف علي زرداري به مستونگ بم ڌماڪي جي مذمت ڪئي ۽ ڌماڪي ۾ حافظ حمدالله سميت ٻين زخمين جي جلد صحتيابي جي لاءِ دعا ڪئي. هن مطالبو ڪيو ته دهشتگردي ۾ ملوث عناصر ۽ سهولتڪارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو ويندو.

**بقايا *** 02**

جي سمگلنگ ۽ ذخيري اندوزي جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن سبب گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان ڊالر جو اگهه گهٽجڻ جو سلسلو جاري آهي.

**بقايا *** 03**

تي سنڌ ڪابينا کي آءِ جي سنڌ رفعت مختار بريفنگ ڏني. آءِ جي سنڌ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته هن سال 2023ع ۾ 217 ماڻهو اغوا ٿيا جن مان 207 مغوي بازياب ٿيا. 11 ماڻهو اڃان تائين يرغمال آهن. بريفنگ دوران سنڌ جي آءِ جي چيو ته 11 مان 3 ڄڻا شهيد بينظير آباد. 7 ڄڻا لاڙڪاڻي ۽ هڪ کي سکر مان اغوا ڪيو ويو. سنڌ جي نگران وڏي وزير آءِ جي پوليس کي هدايت ڪئي ته مغوين کي فوري طور تي بازياب ڪرايو وڃي ۽ ڪچي ۾ انٽرنيٽ جي سهوليت ختم ڪئي وڃي. ڌاڙيلن کي سختي سان منهن ڏنو وڃي. نگران وڏي وزير آءِ جي سنڌ کي مغوين جي خاندانن سان رابطي ۾ رهڻ جي پڻ هدايت ڪئي. جسٽس (ر) مقبول باقر کي ٻڌايو ويو ته ڪچي جي ٽوٽل 4 لک آبادي آهي. ڪچي ۾ 238 ڳوٺ آهن. 8 پوليس اسٽيشنون ۽ 20 چيڪ پوسٽون آهن. نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو ته ڪچي ۾ سٺي ساک رکندڙ پوليس اهلڪارن ۽ آفيسرن کي مقرر ڪيو وڃي. نگران وڏي وزير چيو ته جيڪي پوليس وارا سٺي ڪارڪردگي نه ڏيکارين انهن کي فوري طور تي هٽايو وڃي. گهوٽڪي، ڪنڌڪوٽ پل تي ڪم شروع ڪيو وڃي. پل ٺهي ويندي ته علائقو کلي ويندو ۽ امن امان جي صورتحال به بهتر ٿي ويندي. سنڌ ڪابينا پاران ڪچي ۾ پوليس ۽ رينجرز سان گڏ آرمي آپريشن جو فيصلو ڪيو ويو. نگران وڏي وزير اجلاس ۾ آءِ جي سنڌ کي ڌاڙيلن خلاف آپريشن جو حڪم ڏيندي چيو ته شهرين کي تحفظ ڏيڻ حڪومت جو ڪم آهي. هاڻ ته صورتحال اتي وڃي پهتي آهي جو ڪو به ماڻهو موبائيل فون به کڻي نٿو نڪري سگهي اها صورتحال ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪرڻ جوڳي نه آهي.

**بقايا *** 04**

گهرو وزير سرفراز بگٽي سميت مختلف وزيرن ۽ آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ اي سي ايل بابت مختلف نوعيت جي ڪيسن جو جائزو ورتو ويو. ڪميٽي 17 ڄڻن جا نالا اي سي ايل ۾ وجهڻ جي سفارش ڪئي، اهي نالا مختلف کاتن ۽ ايجنسين طرفان موڪليا ويا هئا. اجلاس ۾ 7 مختلف نوعيت جا ڪيس اي سي ايل مان ڪڍڻ جي سفارش به ڪئي وئي. نظرثاني لاءِ پيش ڪيل اپيلن مان 5 ڄڻن جا نالا اي سي ايل مان ڪڍڻ جي سفارش ڪئي وئي. ذيلي ڪميٽي جون سفارشون حتمي منظوري لاءِ وفاقي ڪابينه کي موڪليون وينديون.

**بقايا *** 05**

سيڪڙو تي برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اسٽيٽ بئنڪ موجب مئي ۾ مهانگائي 38 سيڪڙو جي رفتار سان وڌي رهي هئي. جڏهن ته آگسٽ 2023 ۾ مهانگائي وڌڻ جي شرح 27.4 سيڪڙو ٿي وئي. اسٽيٽ بئنڪ طرفان چيو ويو آهي ته ايندڙ ٻن مهينن لاءِ وياج جي شرح 22 سيڪڙو رهندي.

**بقايا *** 06**

آءِ جي ڊي اي ۽ اير ڪيوايم طئي ڪيو آهي ته سنڌ جي عوام کي پ پ جي قبضي مان ڇوٽڪارو ڏيارينداسين. هن چيو اسان فيصلو ڪيو آهي ته هاڻ سنڌ ڪارڊ هلڻ نه ڏينداسين. ٻهراڙين ۾ سياسي قوت جي يو آءِ وٽ آهي. گڏجي جاگيردارن ۽ وڏيرن کي انهن جي اوقات ياد ڏياريندا سين ۽ پ پ جي نفرت جي پاليسي ناڪام بڻائينداسين سنڌس چوڻ هو ته هاڻ سنڌ جي عوام جي اها غلط فهمي ختم ڪنداسين ته انهن وٽ متبادل قيادت ناهي. نئون سياسي اتحاد سنڌ جي عوام جي خدمت لاءِ تيار آهي. ان موقعي تي راشد محمود سومرو چيو ته ملاقات ۾ اتفاق ٿيو آهي ته اير ڪيوايم، جي ڊي اي ۽ جي يو آءِ ڪنهن هڪ ٽيم لاءِ جدوجهد نه ڪندي پر ڪراچي کان ڪشمور تائين سيني لاءِ گڏيل جدوجهد ڪنداسين. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن بدلين، مقررين ۽ تڪ بندين تي جي ڊي اي، اير ڪيوايم ۽ اسان جا خدشا ختم ڪري. خدشا ختم نه ڪيا ويا ته اڳتي جي حڪمت عملي طئي ڪنداسين.

**بقايا *** 07**

ڪرائڻ جي درخواست اعتراض لڳائي واپس ڪري ڇڏي آهي. سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار اعتراض ۾ چيو آهي ته درخواستگذار سپريم ڪورٽ ۾ اچڻ کان اڳ لاڳاپيل ڪنهن به فورم سان رابطو نه ڪيو. صدر عارف علوي کي آرٽيڪل 248 موجب درخواست ۾ ڌر نٿو بڻائي سگهجي. درخواست ۾ اهو ناهي ٻڌايو ويو ته درخواستگذار جو ڪهڙو بنيادي حق متاثر ٿيو آهي. ان کان علاوه درخواست ۾ آرٽيڪل 184/3 جون گهرجون پوريون نه ڪيون ويون آهن. ياد رهي ته پي ٽي آءِ بيرسٽر علي ظفر جي حوالي سان درخواست داخل ڪئي هئي جنهن ۾ 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ جي استدعا ڪئي وئي هئي. درخواست ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيڻ جي به استدعا ڪئي وئي هئي.

**بقايا *** 08**

ڪئي. اسد عمر کي 50 هزار روپين جا ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي. ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر شاهه خاور ايڊووڪيٽ عدالت ۾ اهم بيان ڏيندي چيو ته هن وقت اسد عمر جي گرفتاري جي ضروري نه آهي. چو ته اڃان تائين هن جي خلاف پڪيون شاهديون نه آهن جيڪڏهن جاچ دوران شاهديون سامهون آيون ته ڏسنداسين. اسد عمر کي ايف آءِ آر ۾ نامزد نه ڪيو ويو. عدالت منهنجو بيان لکي وٺي. اسد عمر جي وڪيل بابر اعوان چيو ته شاهه خاور کي چئو ته عدالتي ڪارروائي ۾ مداخلت نه ڪري. شاهه خاور ايڊووڪيٽ چيو ته مستقبل ۾ جيڪڏهن ڪي به شاهديون سامهون آيون ته اسد عمر کي آگاهه ڪنداسين. جج ابوالحسنات ذوالقرنين رمارڪس ڏنا ته پراسيڪيوشن موجب اسد عمر خلاف اڃان تائين ثبوت نه آهن. اسد عمر پاڻ جاچ ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. جنهن کان پوءِ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ڪورٽ اسد عمر جي ضمانت منظور ڪري ورتي.

**بقايا *** 09**

قريشي جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي. خصوصي عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين شاهه محمود قريشي ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت واري درخواست تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. اسلام آباد ۾ سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت قائم خصوصي عدالت ۾ عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي. وڪيل گوهر علي خان دليل ڏيندي چيو ته سيڪريٽ ايڪٽ قانون 1923ع جي تحت سائفر پنهنجو پاڻ وٽ رکڻ ڏوهه نه آهي. سيڪريٽ ايڪٽ 2023 ۾ سائفر پنهنجي تحويل ۾ رکڻ ڏوهه آهي پر اهو قانون به اڃان لاڳو نه ٿيو آهي. وڪيل علي بخاري شاهه محمود قريشي جي ضمانت واري درخواست تي دليل ڏيندي چيو ته جيڪڏهن عدالت مان ڪو دستاويز گم ٿي وڃي ته صرف جج کان انڪوائري نه ٿيندي آهي. سائفر آيو، پرڏيهي وزير مون کي ٻڌايو ذميواري آهي ته ڪابينه کي ٻڌايو وڃي. جج ابوالحسنات پڇائو ڪيو ته جڏهن سائفر مليو ته پوءِ ڪيڏانهن ويو؟ وڪيل شعيب شاهين چيو ته ڊاڪيومينٽ پرڏيهي وزارت ۾ آهي. سائفر جي ذميواري وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري جي آهي. جج ابوالحسنات چيو ته منهنجي اسٽاف وٽ به ڪجهه ايندو آهي ته مون کي ڏسڻو پوندو آهي. شعيب شاهين چيو ته وزيراعظم آفيس ۾ آيل دستاويز سنڀالڻ وزيراعظم جو پرنسپل سيڪريٽري جو ڪم آهي. اسپيشل پراسيڪيوٽر شاهه خاور عدالت جي ڪمري ۾ پي ٽي آءِ وڪيلن جي اڳ تي اعتراض اٿاريو. شاهه خاور چيو ته سائفر ڪيس جي ان ڪيمرا ٻڌڻي آهي. پي ٽي آءِ وڪيل وڊيوز ناهيندا آهن. غير لاڳاپيل ماڻهن کي عدالت جي ڪمري مان ڪڍيو وڃي يا حلف ورتو وڃي. جج ابوالحسنات ذوالقرنين غير لاڳاپيل ماڻهن کي عدالت جي ڪمري مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو جنهن کان پوءِ عدالت ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ پي ٽي آءِ چيئرمين شاهه محمود قريشي جي ضمانت واري درخواست تي فيصلو محفوظ ڪيو. عدالت ڪجهه دير کان پوءِ فيصلو ٻڌائيندي پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ شاهه محمود قريشي جي ضمانت وارين درخواستون رد ڪري ڇڏيون.

**بقايا *** 10**

فيصلو ڪري ورتو آهي. سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ ڪابينه جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير، چيف سيڪريٽري، ڊاڪٽر فخر عالم، آءِ جي سنڌ رفعت مختار سميت پرنسپل سيڪريٽري حسن نقوي، ايڊووڪيٽ جنرل پراسيڪيوٽر جنرل ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ آءِ جي سنڌ ڪابينه کي صوبي ۾ امن امان جي صورتحال تي بريفنگ ڏني. آءِ جي ٻڌايو ته 2023 ۾ 218 ماڻهو اغوا ٿيا جن مان 207 بازياب ٿيا جڏهن ته 11 ماڻهو اڃان تائين يرغمال آهن.

**بقايا *** 11**

وزارت اصغر حيدر جي استعيفيٰ منظور ڪندي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو. پراسيڪيوٽر جنرل نيب جسٽس رٽائرڊ سيد اصغر حيدر 9 سيپٽمبر تي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. جيڪا وزيراعظم آفيس کي ملي وئي. پراسيڪيوٽر جنرل نيب سيد اصغر حيدر جو مدو فيبروري 2024ع ۾ پورو ٿيڻو هو نيب پراسيڪيوٽر جنرل سيد اصغر حيدر استعيفيٰ جي تصديق ڪندي چيو ته هن ذاتي سببن جي ڪري استعيفيٰ ڏني آهي. 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل جي جاچ مڪمل ٿي چڪي آهي. ريفرنس هلندڙ مهيني داخل ٿيڻو هو. پراسيڪيوٽر جنرل جي منظوري ڪانسواءِ نيب عدالت ۾ ريفرنس داخل نٿو ڪري سگهجي. پراسيڪيوٽر جنرل نيب ڪانسواءِ ايگزيڪيوٽو بورڊ جو اجلاس ۽ ڪيسن جي منظوري به تعطل جو شڪار ٿي وئي. نيب ترميمي قانون جي خاتمي ڪانپوءِ ڪيسن جي بحالي لاءِ به پراسيڪيوٽر جنرل جي منظوري گهربل آهي.

**بقايا *** 12**

ويا هيا. نوجوان جي بازيابي لا سنڌن وارثن، سياسي سماجي ڌرين پاران لڳاتار احتجاج ڪري پڪاچانگ ۾ احتجاجي ڪيمپ ناهي سخت احتجاج ڪيو ويو هيو گذريل ڏينهن به سياسي پارٽين جي سڏ تي شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪري ڌرڻو هنيو ويو هيو شهرين جي سخت احتجاج ۽ سنڌي ميڊيا ۾ ڀرپور ڪوريج کان پوءِ اغوا ڪيل نوجوان پورهيت بازياب ٿي گهر پهچي ويا آهن. بازياب ٿيل نوجوانن جي وارثن موجب رات دير سان نوجوانن رابطو ڪري ٻڌايو ته ڪراچي جي سهراب ڳوٺ وٽ اسان کي ڇڏيو ويو آهي. نوجوانن جي بازيابي بعد سنڌن پريشاني ۽ ڳڻتي ۾ ورتل وارثن ۾ خوشي جي لهر ڦهلجي وئي آهي سنڌن وارثن احتجاج ڪندڙن ۽ سنڌي ميڊيا جو ٿورو ادا ڪيو آهي.

**بقايا *** 13**

عدالت ۾ داخل ڪئي هئي جنهن ۾ هن سروسز اسپتال کان ڪينسر جا ٽيسٽ ڪرائڻ جي اجازت گهري هئي. دهشتگردي جي انت واري عدالت ياسمين راشد جي علاج لاءِ داخل ڪيل درخواست منظور ڪري ورتي جنهن کان پوءِ جيل اختيارين کي ياسمين راشد جي سروسز اسپتال مان ڪينسر ٽيسٽ ڪرائڻ جو حڪم ڏنو. عدالت حڪم ڏيندي چيو ته جيل اختيارين ياسمين راشد کي اسپتال ۾ ڪينسر جي ٽيسٽ لاءِ وٺي وڃن. ٻئي طرف دهشتگردي جي انت واري عدالت جي جج عبهر گل خان ياسمين راشد جي خلاف 9 مئي تي شير پائو پل تي ادارن خلاف تقرير ۽ پيچ ڊاهڻ جي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن سلسلي ۾ پوليس ڪيس عدالت ۾ پيش ڪيو. عدالت اڳوڻي وزير کي 14 ڏينهن تي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل اماڻي ڇڏيو.

**بقايا *** 14**

شين جي اگهن ۾ 16 سيپٽمبر کان واڌ جو امڪان آهي. ذريعن موجب پيٽروليم شين جي اگهن ۾ امڪاني واڌ اوگرا جي ورڪنگ ڪانپوءِ امهون ايندي. حڪومتي ذريعن جو چوڻ آهي ته اوگرا طرفان اڃا تائين حڪومت کي سمري ناهي موڪلي وئي. اوگرا جي ورڪنگ ڪانپوءِ اگهن جو ڪاٿو سامهون ايندو. جڏهن ته اوگرا اختيارين جو چوڻ آهي ته اگهن جي حوالي سان ورڪنگ سياڻي شام ڪئي ويندي. ذريعن موجب عالمي مارڪيٽ ۾ اگهه وڌڻ سبب اگهن ۾ واڌ جو رجحان آهي ۽ آءِ ايم ايف پروگرام سبب اگهن ۾ امڪاني واڌ عوام کي منتقل ڪرڻي پوندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پيٽرول جي اگهه ۾ 10 روپين تائين واڌ ٿي سگهي ٿي. جنهن ڪانپوءِ ان جي في ليٽر قيمت 315 روپين کان به وڌي ويندي. واضح رهي ته 31 آگسٽ تي به نگران حڪومت پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ جو اعلان ڪيو هو.

**بقايا *** 15**

چاپو هڻي ڪيس ۾ گهربل فياض شاهه جي سالي سيد ساجد شاهه کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار حنا شاهه ۽ فياض شاهه بابت جاچ وٺنداسين. ۽ حنا شاهه ۽ فياض شاهه کي جلد گرفتار ڪنداسين.

**بقايا *** 16**

ويو آهي. مون ڪشمور ۾ احتجاج دوران پوليس سان ٻين ايجنسين گڏيل آپريشن جو چيو ته گوڙ پئجي ويو انهن مونکي چيو ته ڌاڙيلن کي ته ڪيڏانهن پر هن کي وري ڪير ڪڍي؟ هن وڌيڪ چيو 2007ع ۾ جڏهن محترمه زنده هئي ته آصف زرداري چيو اچو گڏ ٿيو حڪومت ملندي. اهڙي طرح 2012ع ۾ نواز شريف آڇ ڪئي ۽ 2017ع ۾ عارف علوي چيو ته اچو اهڙي طرح حڪومتون اڳ ئي طئي ڪيون وڃن ٿيون پر اسان جو لاڙو پنهنجي ماڻهن ڏانهن آهي. هن چيو ته جنهن کي عقل ۽ دماغ آهي اهي ٻاهر وڃڻ ٿا چاهن. هي جديد دور آهي ان لاءِ اسٽيبلشمينٽ کي پنهنجي شهنشاهيت تان هٿ کڻڻو پوندو. هن چيو ته حافظ صاحب سميت ٻيا آفيسر صرف پوسٽن تائين لاءِ سوچن ٿا ته ان لاءِ ئي اگر ملڪ نهيو هو ته بهتر هو ته نهڻ گهرجي ها. ڳالهه حق ۽ ناحق، ظالم ۽ مظلوم، ڪرپٽ ۽ ايماندار جي آهي، ان لاءِ عوام کي ايماندار حڪمرانن جي ضرورت آهي. سي پي ايل سي چيف جميل يوسف خطاب ڪندي چيو ته ڪراچيءَ جي نصيب ۾ رڳو آپريشن لکيل آهن. ڌوهاري ڌوهاري هوندو آ ۽ هر ڌوهاري پاڻ کي سياسي پارٽي جو ماڻهو سڏائيندو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پوليس پيٽرولنگ ذريعي پيسا ڪمائيندي آهي ان لاءِ سي پي ايل تي سسٽم اچڻ سان اهو پتو به لڳائي سگهجي ٿو ته هو چيڪنگ ڪرڻ لاءِ ڪٿي ڪٿي پيا وڃن. ان لاءِ سسٽم بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

**بقايا *** 17**

سحر ميمڻ ۽ تعليم کاتي جي اختيارين تي ڌمڪائڻ جو الزام هڻيو ويو هيڊ ماستر موجب ليڊي ٽيچر مجث جي لوئر سيڪنڊري اسڪول ۾ 2022ع ۾ جوائننگ ڪئي. مسلسل غير حاضر آهي، ليڊي ٽيچر تعليم کاتي جي آفيسر تبسم ميمڻ جي مائٽياڻي سڏائي ڌمڪائي ٽيڊي اي او نوشهروفيروز ۽ ٽي اي او ڪنڊيارو حاضري رجسٽر تي صحيون ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌو هو اعليٰ اختيارين انڪار ڪرڻ تي مسترول زبردستي ڦري پاڻ وٽ رکي ڇڏيو آهي

**بقايا *** 18**

۽ جامشورو ضلعن جي چوڌاري ڪنهڻ ۽ تيز هوائن سان برسات جو امڪان آهي. ڪراچي ۾ 3 ڏينهن دوران موسم جهڙالي ۽ هلڪي برسات جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن. موسميات کاتي موجب چوماسي جي برسات کان اڳ ڪراچي ۽ اپر سنڌ ۾ گرمي جي شدت ۾ اضافو ٿيندو. ڪراچي ۾ سامونڊي هوائون جزوي طور تي بند ٿيڻ جو امڪان آهي.

**بقايا *** 19**

احتساب عدالت جي دائري اختيار کي هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو هو.

**بقايا *** 20**

۽ عام قيدين وانگر گهر جو کاڌو به نٿو ملي، هن چيو ته انصاف ۾ دير ٿي سگهي ٿي، انڌير نه ٿيڻ گهرجي. ڪالهه گهرڀاتين سان ملاقات ٿي. ٻار ۽ زال اڊيالا جيل آيا، منهنجو خاندان هن وقت سڀ کان وڌيڪ اذيتن مان گذري رهيو آهي. مان 9 مئي جي واقعن ۾ بيگناهه آهيان. ها، مان اتي نه هئس، منهنجي زال ان وقت بيمار هئي ۽ مان هن جي سنڀال ڪري رهيو هوس.

**بقايا *** 21**

جاري ڪيل هدايت نامي موجب داڻود زئي، ڊاڳئي، ملاخان، شاهه عالم ۽ ٻين علائقن ۾ رات 10 وڳي ڪانپوءِ چرپر تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. پوليس موجب ڪو قبرستان، درياهه ڪناري، ٻنين ۾ بنا سبب ڏٺو ويو ته ڪارروائي ٿيندي. منشيات جي ڪيسن ۾ گرفتار جوابدارن جي ضمانت لاءِ ٿاڻي ايندڙن خلاف به ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته منشيات جي استعمال ۾ واڌ سبب اهو هدايت نامو جاري ڪيو ويو آهي.

**بقايا *** 22**

سنڌ پنجاب مک رستي تي ڌرڻو هنيو ويو. جنهن سبب سوين گاڏين جو قطارون لڳي ويون. ان موقعي تي سنڌ بروهي اتحاد جي مرڪزي اڳواڻ ميرمظفرخان بروهي، حاجي احمد نواز بروهي، ڊاڪٽر حفيظ بروهي، صفدر بروهي، ايڊووڪيٽ حسين بخش بروهي، مولانا عنايت الله بروهي، محمد رمضان بروهي، محمد علي بروهي، اصغر بروهي، جاويد بروهي، ڊاڪٽر محمد خان بروهي، عمران بروهي، علي اڪبر بروهي، ڊاڪٽر بشير بروهي، اسلم بروهي، جهانگير بروهي، نور بروهي سميت ٻين چيو ته سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ قائم آهي بدامني وڌڻ سبب عوام سخت پريشان آهي. ڌاڙيل سري عام بارڙن توڙي ٽرانسپورٽرن ۽ عام ماڻهن کي اغوا ڪري رهيا آهن. هنن چيو ته سکر مان ٻريا ڪماري پنوعاقل مان عبدالجبار جاجڙ ڪنڌڪوٽ ڪشمور مان محمد ياسين بروهي، قدير بروهي ۽ جلال بروهي سميت ٻين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهيون. هنن چيو ته ڌاڙيل وٽ قيد مغوين تي تشدد ڪرڻ سان گڏ انهن جي تذليل ڪيو پيو وڃي ۽ پوليس اڃا تائين انهن کي بازياب نه ڪرائي سگهي، رياست جي ذميواري آهي ته ڌاڙيل راڄ ختم ڪري ڌوهارين خلاف قدم کنيو وڃي. هوڏانهن ڊي آءِ جي سکر جاويد جسڪاڻي سنڌ بروهي اتحاد جي اڳواڻن سان رابطو ڪيو ۽ کين مغوين جي بازيابي جو مڪمل يقين ڏياريو جنهن تي احتجاج کي عارضي طور تي ملتوي ڪيو ويو.

**بقايا *** 23**

انٽرويو دوران ميزبان هن کان سوال ڪيو ته ’اوهان مون کي چيو هو ته بالي ووڊ اداڪار عامر خان مون کي ٻڌايو ته سلمان خان جي گهر به بيان هلندا آهن ’ڇا اوهان کي ياد آهي؟‘ جواب ۾ مولانا طارق جميل چيو ته ’عامر خان نه پر منهنجو هڪ دوست آهي جنهن جو ڪاروبار هندستان ۾ به آهي، هو ممبئي ويو هو ته هن جي پارٽنر سنڌس ملاقات سلمان خان سان ڪرائي. طارق جميل وڌيڪ چيو ته سلمان کي جڏهن خبر پئي ته اهو شخص پاڪستان مان آيو آهي ته هن پڇيو ته ڇا اوهان مولانا طارق جميل کي سڃاڻو ٿا؟ جنهن تي منهنجي دوست چيو ته اوهان کي هن بابت ڪيئن خبر آهي؟ هو منهنجو دوست آهي. ان تي سلمان خان منهنجي دوست کي پنهنجي گهر جي اندر وٺي ويو جتي هڪ پٽ سان گڏ لڳل ريڪ ۾ منهنجي بيان جون ڪيترين ئي سي ڊيز موجود هيون. اسلامڪ اسڪالر جو وڌيڪ چوڻ هو ته سلمان خان ۽ هن جو پيئرون به باقاعدا منهنجو بيان ٻڌنديون آهن ۽ اداڪار جي گهر ۾ به منهنجا بيان ٻڌا ويندا آهن.

**بقايا *** 24**

۾ گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي. جڏهن هوءَ اسڪول وڃڻ لاءِ والدين سان گڏ گاڏي جي پوئين پٽ تي ويٺي هئي. ٻارڙي کي زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتي هوءَ لاڏلائو ڪري وئي. پوليس شروعاتي بيان ۾ ٻڌايو ته امڪاني طور گولي روڊ جي ٻئي پاسي کان فائر ٿي، اتان تي اسٽال مان هلندڙ سيڪيورٽي گارڊ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس کي شڪ آهي ته گارڊ جي رائفل مان هلندڙ گولي ٻارڙي کي لڳي. ايس ايس پي گلبرگ موجب گارڊ جو چوڻ آهي ته هن ڪتن تي فائرنگ ڪئي. گارڊ جي رائفل مان هلندڙ گولين جا خول تحويل ۾ ورتا ويا آهن هوڏانهن گورنر ڪامران ٽيسوري واقعي جو نوٽيس وٺندي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

**بقايا *** 25**

لانڍي فردوس ڪالوني ۾ نجي ڪمپني پرسان افسوسناڪ حادثو پيش آيو حادثي ۾ ماءُ ڌيءَ فوت، جڏهن ته پٽ زخمي ٿي پيو ريسڪيو ذريعن موجب فوتين ۾ 50 ورهين جي روبينا ناز ۽ 25 ورهين جي آصفه شامل آهن. جڏهن ته زخمي جي سڃاڻپ 30 ورهين جي ڪاشف جي نالي سان ٿي آهي. حادثو موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ سبب پيش آيو موٽر سائيڪل سوارن جي ڪرڻ تي ٽرڪ جو پويون حصو انهن جي مٿان چڙهي ويو. فوتي شاهه فيصل ڪالوني جا رهواسي هئا، جيڪي مائٽن سان ملڻ وڃي رهيا هئا.

**بقايا *** 26**

ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هي ڪوريڊور انهن ڪانسواءِ ممڪن نه ٿو ٿي سگهي، معاشي ۽ مالي نقصان ڪان سواءِ ڪي ڪجهه ٻيا خدشا آهن انڊين ڪائونسل آف ورلڊ افيئرز جي سينيئر ريسرچ فيلو ڊاڪٽر فضل الرحمان صديقي جو چوڻ آهي ته ان اقتصادي راهداري ۾ اسرائيل به شامل آهي. جنهن سبب ان کي آمريڪا جي سازش جي طور تي ڏٺو پيو وڃي. ان کي چين جي ’بيلٽ اينڊ روڊ پروجيڪٽ‘ جو متبادل بڻائڻ جي ڳالهه ٿي رهي آهي.

**بقايا *** 27**

دفاع ڪرڻ تي لطيف کوسا کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي ستن ڏينهن ۾ جواب طلب ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي لطيف کوسا چيو ته پيپلز پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي (سي اي سي) جي اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت ملي آهي پر سپريم ڪورٽ ۾ مصروف هجڻ سبب اجلاس ۾ شرڪت نه ڪندس. لطيف کوسا جو چوڻ هو ته پيپلز پارٽي منهنجي پارٽي آهي مون کي ڪير پارٽي مان ڪڍي سگهي ٿو اڃا تائين ڪو شوڪاز نوٽيس ناهي مليو نوٽيس ملڻ تي جواب ڏيڻ يا نه ڏيڻ جو فيصلو ڪندس.

**بقايا *** 28**

۾ ڏنگي ۽ ٻل ڌرين وچ ۾ مال جي واڙي ڪڍڻ تي جهيڙو ٿي پيو پوليس موجب شروعاتي جاچ ۾ اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته ٻنهي ڌرين ۾ اڳ ڏنگي ۽ ٻل قبيلن جي ماڻهن وچ ۾ جانورن جي واڙي ۾ گهڙڻ تي تڪرار ٿيو هو. ٻنهي ڌرين طرفان هڪ ٻئي جي خلاف ايف آءِ آر به داخل ڪرائي هئي. پوليس موجب ٻنهي ڌرين جا ماڻهو گذريل ڏينهن ٻيهر آمهون سامهون اچي ويا ۽ فائرنگ جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا مارجي ويا ۽ 8 زخمي ٿي پيا. زخمين کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

**بقايا *** 29**

وٺي، عدالت شاگردن کي نوٽيس جاري ڪندي 9 آڪٽوبر تائين جواب طلب ڪري ورتو درخواست ۾ چيو ويو ته يونيورسٽي طرفان 2023 ۾ داخلا جو اعلان ڪيو ويو درخواست موجب داخلائن جي سلسلي ۾ انٽري ٽيسٽ 27 آگسٽ 2023ع تي آءِ بي اي ڪراچي ۾ ٿي، ڪراچي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر انٽري ٽيسٽ جو جائزو وٺڻ دوران اتي ڏٺو ته مسڪن گيٽ تي شاگردن ڪيمپ لڳائي، درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته شاگردن پنهنجي بينر هيٺ يونيورسٽي جو لوگو لڳائي ڇڏيو هو وي سي شاگردن کي منع ڪيو رجسٽرار داؤد انجنيئرنگ موجب شاگردن کي يونيورسٽي جو آفيشل لوگو استعمال ڪرڻ کان روڪيو وڃي.

**بقايا *** 30**

جوڙڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو تفصيل موجب سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ڪالهه جناح اسپتال جي هنگامي دوري دوران مريضن کي مڇي، مرغي جو گوشت ۽ بيو ناقص کاڌو کارائڻ جو انڪشاف ٿيڻ تي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر صحت واري سيڪريٽري منصور عباس رضوي جناح اسپتال جي ڊرگ انسپيڪٽر ۽ فوڊ انسپيڪٽر کي سيمپل گڏ ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. ڊرگ اينڊ فوڊ انسپيڪٽر ڪچن مان ڪکڙ ۽ مڇي جي گوشت جا نمونا حاصل ڪري ورتا جيڪو ٻنهي نمونن جي جديد ليبارٽري ذريعي ٽيسٽ ڪئي ويندي ۽ جلد رپورٽ تيار ڪئي ويندي. نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي حڪم تي بورچيخاني مان نمونا وٺڻ بعد جناح اسپتال جي جوائنٽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ۽ ڪچن جي انچارج ڊاڪٽر سلمان جي دوري شروع ٿي وئي. جناح اسپتال جي دوري دران نگران وڏي وزير سنڌ جسٽس (ر) مقبول باقر جي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته جناح اسپتال جا واش رومز انتهائي گندا هجڻ تي فوري صفائي جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن ۽ جلد شهر جي ٻين اسپتالن جو به دورو ڪندس. نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر وڌيڪ چيو ته جناح اسپتال ۾ نرسنگ اسٽاف جي ڪوٽ آهي. جلد پوري ڪئي ويندي.

**بقايا *** 31**

تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون. ڌماڪي سبب جي يو آءِ اڳواڻ جي ساٿين ۽ گارڊ سميت 11 ڄڻا زخمي ٿيا آهن جن کي مير بخش رئيساڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن واقعي واري هنڌ کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو آهي. جڏهن ته شاهديون گڏ ڪيون پيون وڃن. ان حوالي سان جي يو آءِ (ف) جي ترجمان اسلم غوري چيو آهي ته حافظ حمدالله ڌماڪي جي نتيجي ۾ معمولي زخمي ٿيو آهي. ڳڻتي جهڙي ڪابه ڳالهه آهي. ٻئي طرف نگران بلوچستان جي وڏي وزير علي مردان ڊومڪي ۽ صوبائي گهرو وزير زبير جمالي مستونگ ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي زخمين جي صحتيابي جي لاءِ دعا ڪئي آهي. زبير جمالي حافظ حمدالله تي حملي جي مذمت ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. جي يو آءِ اڳواڻ مولانا فضل الرحمان حافظ حمدالله تي ٿيل حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. مولانا فضل الرحمان حافظ حمدالله سميت ٻين زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪندي چيو ته دهشتگردي ۾ ملوث عناصر ڪنهن به رعايت جا مستحق نه آهن. مولانا فضل الرحمان چيو ته صوبائي نگران حڪومت هن افسوسناڪ واقعي جي ذميوارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائي. جي يو آءِ اڳواڻن تي چونڊن کان اڳ اهڙي طرح جا حملا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين. اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف به بلوچستان ۾ ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. اڳوڻي وزيراعظم حافظ حمدالله سميت ٻين زخمين سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو ۽ انهن جي صحتيابي جي دعا ڪئي. شهباز شريف چيو ته دهشتگرد هر محب وطن کي نشانو بڻائي رهيا آهن. پورو پاڪستان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ گڏ آهي. اڳوڻي صدر آصف علي زرداري به مستونگ بم ڌماڪي جي مذمت ڪئي ۽ ڌماڪي ۾ حافظ حمدالله سميت ٻين زخمين جي جلد صحتيابي جي لاءِ دعا ڪئي. هن مطالبو ڪيو ته دهشتگردي ۾ ملوث عناصر ۽ سهولتڪارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو ويندو.

**بقايا *** 32**

قريشي جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي. خصوصي عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين شاهه محمود قريشي ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت واري درخواست تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. اسلام آباد ۾ سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت قائم خصوصي عدالت ۾ عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي. وڪيل گوهر علي خان دليل ڏيندي چيو ته سيڪريٽ ايڪٽ قانون 1923ع جي تحت سائفر پنهنجو پاڻ وٽ رکڻ ڏوهه نه آهي. سيڪريٽ ايڪٽ 2023 ۾ سائفر پنهنجي تحويل ۾ رکڻ ڏوهه آهي پر اهو قانون به اڃان لاڳو نه ٿيو آهي. وڪيل علي بخاري شاهه محمود قريشي جي ضمانت واري درخواست تي دليل ڏيندي چيو ته جيڪڏهن عدالت مان ڪو دستاويز گم ٿي وڃي ته صرف جج کان انڪوائري نه ٿيندي آهي. سائفر آيو، پرڏيهي وزير مون کي ٻڌايو ذميواري آهي ته ڪابينه کي ٻڌايو وڃي. جج ابوالحسنات پڇائو ڪيو ته جڏهن سائفر مليو ته پوءِ ڪيڏانهن ويو؟ وڪيل شعيب شاهين چيو ته ڊاڪيومينٽ پرڏيهي وزارت ۾ آهي. سائفر جي ذميواري وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري جي آهي. جج ابوالحسنات چيو ته منهنجي اسٽاف وٽ به ڪجهه ايندو آهي ته مون کي ڏسڻو پوندو آهي. شعيب شاهين چيو ته وزيراعظم آفيس ۾ آيل دستاويز سنڀالڻ وزيراعظم جو پرنسپل سيڪريٽري جو ڪم آهي. اسپيشل پراسيڪيوٽر شاهه خاور عدالت جي ڪمري ۾ پي ٽي آءِ وڪيلن جي اڳ تي اعتراض اٿاريو. شاهه خاور چيو ته سائفر ڪيس جي ان ڪيمرا ٻڌڻي آهي. پي ٽي آءِ وڪيل وڊيوز ناهيندا آهن. غير لاڳاپيل ماڻهن کي عدالت جي ڪمري مان ڪڍيو وڃي يا حلف ورتو وڃي. جج ابوالحسنات ذوالقرنين غير لاڳاپيل ماڻهن کي عدالت جي ڪمري مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو جنهن کان پوءِ عدالت ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ پي ٽي آءِ چيئرمين شاهه محمود قريشي جي ضمانت واري درخواست تي فيصلو محفوظ ڪيو. عدالت ڪجهه دير کان پوءِ فيصلو ٻڌائيندي پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ شاهه محمود قريشي جي ضمانت وارين درخواستون رد ڪري ڇڏيون.

**بقايا *** 33**

وزارت اصغر حيدر جي استعيفيٰ منظور ڪندي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو. پراسيڪيوٽر جنرل نيب جسٽس رٽائرڊ سيد اصغر حيدر 9 سيپٽمبر تي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. جيڪا وزيراعظم آفيس کي ملي وئي. پراسيڪيوٽر جنرل نيب سيد اصغر حيدر جو مدو فيبروري 2024ع ۾ پورو ٿيڻو هو نيب پراسيڪيوٽر جنرل سيد اصغر حيدر استعيفيٰ جي تصديق ڪندي چيو ته هن ذاتي سببن جي ڪري استعيفيٰ ڏني آهي. 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل جي جاچ مڪمل ٿي چڪي آهي. ريفرنس هلندڙ مهيني داخل ٿيڻو هو. پراسيڪيوٽر جنرل جي منظوري ڪانسواءِ نيب عدالت ۾ ريفرنس داخل نٿو ڪري سگهجي. پراسيڪيوٽر جنرل نيب ڪانسواءِ ايگزيڪيوٽو بورڊ جو اجلاس ۽ ڪيسن جي منظوري به تعطل جو شڪار ٿي وئي. نيب ترميمي قانون جي خاتمي ڪانپوءِ ڪيسن جي بحالي لاءِ به پراسيڪيوٽر جنرل جي منظوري گهربل آهي.

**بقايا *** 34**

انٽرويو دوران ميزبان هن کان سوال ڪيو ته ’اوهان مون کي چيو هو ته بالي ووڊ اداڪار عامر خان مون کي ٻڌايو ته سلمان خان جي گهر به بيان هلندا آهن ’ڇا اوهان کي ياد آهي؟‘ جواب ۾ مولانا طارق جميل چيو ته ’عامر خان نه پر منهنجو هڪ دوست آهي جنهن جو ڪاروبار هندستان ۾ به آهي، هو ممبئي ويو هو ته هن جي پارٽنر سنڌس ملاقات سلمان خان سان ڪرائي. طارق جميل وڌيڪ چيو ته سلمان کي جڏهن خبر پئي ته اهو شخص پاڪستان مان آيو آهي ته هن پڇيو ته ڇا اوهان مولانا طارق جميل کي سڃاڻو ٿا؟ جنهن تي منهنجي دوست چيو ته اوهان کي هن بابت ڪيئن خبر آهي؟ هو منهنجو دوست آهي. ان تي سلمان خان منهنجي دوست کي پنهنجي گهر جي اندر وٺي ويو جتي هڪ پٽ سان گڏ لڳل ريڪ ۾ منهنجي بيان جون ڪيترين ئي سي ڊيز موجود هيون. اسلامڪ اسڪالر جو وڌيڪ چوڻ هو ته سلمان خان ۽ هن جو پيئرون به باقاعدا منهنجو بيان ٻڌنديون آهن ۽ اداڪار جي گهر ۾ به منهنجا بيان ٻڌا ويندا آهن.

**بقايا *** 35**

گهرو وزير سرفراز بگٽي سميت مختلف وزيرن ۽ آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ اي سي ايل بابت مختلف نوعيت جي ڪيسن جو جائزو ورتو ويو. ڪميٽي 17 ڄڻن جا نالا اي سي ايل ۾ وجهڻ جي سفارش ڪئي، اهي نالا مختلف کاتن ۽ ايجنسين طرفان موڪليا ويا هئا. اجلاس ۾ 7 مختلف نوعيت جا ڪيس اي سي ايل مان ڪڍڻ جي سفارش به ڪئي وئي. نظرثاني لاءِ پيش ڪيل اپيلن مان 5 ڄڻن جا نالا اي سي ايل مان ڪڍڻ جي سفارش ڪئي وئي. ذيلي ڪميٽي جون سفارشون حتمي منظوري لاءِ وفاقي ڪابينه کي موڪليون وينديون.

# دڙو ۾ جشن آمد مصطفي ﷺ جي شروعات، سرڪار جي آمد مرحبا جون صدائون بلند

## گڏجاڻي ۾ ميلاد جي پروگرامن کي چارچنڊ لڳائڻ لاءِ تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو

### ميلاد جي جلسن ۾ عاشقان رسول جي شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ اهم فيصلا

دڙو (ن سنڌيار) دڙو ۾ جشن آمد مصطفي جي ابتدا. سرڪار جي آمد مرحبا جون صدائون بلند. دڙو ۾ جشن آمد جي تيارين جي سلسلي ۾ جماعت اهلسنت پاران اهم گڏجاڻي شاني ميمڻ، امتياز آڪاش ميمڻ ۽ ممتاز ميمڻ جي رهائشگاه تي ٿي گذري، جنهن ۾ مولانا محمد سليمان مينڊرو نقشبندي، حافظ ڏني ڏنو جاکرو، حافظ اسلم بجير، علي اڪبر عيساڻي، فقير محمد علي ڪڇي، تحريڪ لبيڪ جي اڳواڻن، حافظ اعجاز سومرو، حافظ هدايت سومرو، اختر ڪڇي، بابو غلام مصطفي ڪڇي، سينئير صحافي امداد ميمڻ، گل محمد شاه، منور ميمڻ، عزيز جان سولنگي، سيف فاضلاڻي، سيٺ گل ميمڻ سميت ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ميلاد جي پروگرامن کي چارچنڊ لڳائڻ لاءِ تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو، جڏهن ته ربيع ال اول جي سڄي مهيني ۾ دڙو شهر کي ڪنوار وانگر سينگارڻ، لائيٽنگ، رنگ برنگي سائي جهنڊين لڳائڻ ۽ صفائي سترائي جي معاملن تڙي مسجد شريف ميلاد جي جلسن ۾ عاشقان رسول جي شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا، جڏهن ته ميلادي محفلن کي اڃا به وڌيڪ پررونق بڻائڻ لاءِ ٻئي گڏجاڻي جلد ڪوٺائڻ تي اتفاق ڪيو ويو، آخر ۾ ميلاد جو نياز پڻ تقسيم ڪيو ويو.

***

# شادي لارج ۾ شهيد افضل لنڊ جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

## سنڌ ۾ سياسي سماجي ماڻهن ڪانسواءِ صحافين کي ٽارگيٽ ڪري ماريو پيو وڃي : مظاهرين

### شهيد افضل لنڊ جي قاتلن کي گرفتار ڪري سنڌ جي شعور مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) شادي لارج ۾ شهيد افضل لنڊ جي قتل خلاف سياسي سماجي ماڻهن جو احتجاجي مظاهرو قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو تفصيل موجب شادي لارج جي سياسي سماجي اڳواڻن شهيد افضل لنڊ جي قتل جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو هن موقعي تي اڳواڻن محمد ابراهيم لنڊ محمد رمضان لنڊ ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۾ سياسي سماجي ماڻهن ڪانسواءِ صحافين کي ٽارگيٽ ڪري ماريو پيو وڃي افضل لنڊ جو قتل به ان سلسلي جي ڪري آهي سنڌ ۾ پوليس جي ناڪامي جي ڪري ڌاڙيل ۽ لوفر ماڻهن جو راڄ قائم ڪري بدامني پکيڙي عوام جو جيئڻ حرام ڪيو ويو آهي جان محمد مهر فاطم قرڙو افضل لنڊ جو قتل سنڌ ۾ امن امان جي مڪمل ناڪامي جو اعتراف آهي هنن چيف جسٽس پاڪستان ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته شهيد افضل لنڊ جي قاتلن کي گرفتار ڪري سنڌ جي شعور مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي

***

# خانواهڻ ۾ ماستر نياڻي کي پٽين سان ٽڪر هڻائي بيهوش ڪري ڇڏيو

## ڊاڪٽرن نينگري جي حالت نازڪ ڏسي علاج کان جواب ڏئي ڪين کي لاڙڪاڻي رفر ڪيو

### مهينو پهريان به ماستر ڇوڪري کي مار ڏني هئي وري هي اڄ هي واقعو پيش آيو

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) ماستري هڪ پيغمبري پيشو آهي. اسڪول ۾ تعليم پرائينڊڙ شاگرد اولاد برابر سمجهيا ويندا آهن. پر هتي ماستر بابر علي ڪوڪر انسانيت جا ليڪا لتاڙيندي شاگردياڻي کي مارڪٽ سان مرٽينگ ڪري انسانيت سوز واقعو ڪري ڇڏيو آهي. تفصيل موجب خانواهڻ پرسان ڳوٺ گاهي خان جلباڻي ۾ پرائمري اسڪول جي ٽئي پرتي تيل بدمست ۽ بي شناس ماستر بابر علي ڪوڪر پٽ غلام اڪبر ڪوڪر چوٿين درجي جي اٺ سالا نياڻي ريما ڏي غوث بخش جلباڻي کي سبق ياد نه ڪرڻ تي سخت تشدد ڪرڻ بعد نياڻي کي پٽين سان ٽڪر هڻائي بي هوش ڪري ڇڏيو. ريما جي بي هوشي تي وارثن ۾ روڄ راڙو مچي ويو بعد ۾ نينگري کي وارث گمس ڪٺائي ويا. جتي ڊاڪٽرن نينگري جي حالت نازڪ ڏسي علاج کان جواب ڏئي ڪين کي لاڙڪاڻي رفر ڪيو. ٻئي پاسي اسڪول جي هيڊ ماستر علي حسن جلباڻي کي نينگري جي ڏک ۾ ورتل وارثن داڻهن ڏني جنهن تي هيڊ ماستر ڪين کي آئت ڏيڻ بدران ڪين گندا الفاظ ڳالهائي اسڪول مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هتي ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي وڌيڪ چيو ته مهينو پهريان به ماستر ڇوڪري کي مار ڏني هئي وري هي اڄ هي واقعو پيش آيو بابر ڪوڪر ڪلاس جي سپني پارن کي مارڪٽ ڪندو رهندو آهي، هتن تعليم کاتي جي اعلي اختيارين کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي ته هيڊ ماستر سميت بدمست بابر ڪوڪر کي ڊيوٽي تان خارج ڪيو وڃي.

***

# پرياستي پرسان رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

## ٽڪر ۾ 60 سالا پيرسن غفور ڪيريو ٽڏي تي ئي جيپاڻجي فوت ٿي ويو

### حادثي سبب محمد يوسف ڪيريو زخمي ٿي پيو، ڪيس اسپتال آندو ويو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پرياستي پرسان قومي شاهراه تي آيان پيٽرول پمپ سامهون پنجاب کان ڪراچي ويندڙ تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل سوارن کي زوردار ٽڪر نتيجي ۾ هڪ ڄڻو موقعي تي جيپاڻجي فوت هڪ زخمي فوتي جو لاش کڻڻ لاءِ ڳرلاڻن کي ايمبولينس نه ملي لوڊر رڪشا ذريعي اسپتال پهچايو خبر موجب پرياستي پرسان ڳوٺ ڪاڏيرو ڪيريو واسي ۽ پوڙهيت پيرسن محمد يوسف ڪيريو ۽ سندس وڏو ڀاءُ غفور ڪيريو موٽر سائيڪل تي ڪير ڪياڻ لاءِ پرياستي اچي رهيا هيا ته پويان آيندڙ تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل سوارن کي زوردار ٽڪر جي ٽڪر ۾ 60 سالا پيرسن غفور ڪيريو ٽڏي تي ئي جيپاڻجي فوت ٿي ويو ۽ محمد يوسف ڪيريو زخمي ٿي پيو اطلاع تي پرياستي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته ٽرالر ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو پوليس ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ان سلسلي ۾ زخمي يوسف ڪيريو ٻڌايو ته ڀاءُ غفور سان گڏ ڪير ڪٽي پرياستي وڃي رهيا هيا سين ته هي روڊ حادثو پيش آيو جنهن ۾ وڏو ڀاءُ موقعي تي فوت ٿي ويو فوتي پيرسن کي ٻن پٽن ۽ ٽن نياڻين جو اولاد هيو هن چيو ته پرياستي اسپتال عملي لاش کي کڻڻ لاءِ ايمبولينس نه ڏني جنهن سبب فوتي پيرسن جو لاش لوڊر رڪشا ذريعي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو ويو لڪين رپين جي بجيٽ هجڻ باوجود صحت کاتي کي ايمبولينس لاءِ پيٽرول ناهي هن اعلي اختيارين کان سرڪاري اسپتال انتظاميا خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

***

# خانواهڻ ۾ شهيد غلام فاطم قرڙو جي وارثن سان تعزيت جاري

## جيئي سنڌ تحريڪ جي چيئرمين سورهيه سنڌي ۽ ٻين اڳواڻن تعزيت ڪئي

### ڪيس کي خراب ڪرڻ تي احتجاجي تحريڪ جو فيصلو ڪيو ويندو : اڳواڻ

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) جيئي سنڌ تحريڪ جي چيئرمين سورهيه سنڌي، ميرساگر سيال، انور ٻڙدي، قيوم ابڙو، راول ڪرناڻي ۽ ٻيا ڳوٺ علي محمد قرڙو پهچي شهيد غلام فاطم قرڙو جي وارثن سان تعزيت ڪئي جڏهن ته واپسي تي جيئي سنڌ چيئرمين سورهه سنڌي ۽ ٻيا پريس ڪلب ڪرنڊي ڪبير، پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته راڻيپور پيرن جي حويلي ۾ بيدردي سان قتل ڪيل معصوم فاطم قرڙو کي هينئر تائين انصاف نه ملي سگهيو آهي. جڏهن ته معصوم جو هڪ قاتل گرفتار ٿيو آهي جڏهن ته ٻيا قاتل فياض شاهه ۽ حنا شاهه هيئر تائين آزاد آهن جيڪي هينئر تائين گرفتار ن ٿي سگهيا آهن پوليس جي وڏي نااهلي آنهي ۾ ظاهر ٿي آهي جيڪا اسد شاهه جي موبائل جو ڪوڙڻ وٺي سگهي آهي اسان کي خدشو آهي ت فاطم قرڙو جو ڪيس پوليس لوڙهي ڇڏيندي جيئي سنڌ تحريڪ 17 سيپٽمبر کان پوءِ شهيد فاطم قرڙو سان ٿيندڙ زيادتي ۽ سندس قتل واري معاملي تي پوليس پاران ڪيس کي خراب ڪرڻ واري معاملي تي احتجاجي تحريڪ جو فيصلو ڪيو ويندو

پروگرامن ۾ شامل اڪائونٽنگ ۽ فنانس، عربيڪ، انگلش، جينڊر ۽ وومين اسٽڊيز، لائبريري ۽ انفارميشن سائنسز، ماس ڪميونيڪيشن، پاڪستان اسٽڊيز اردو، اسلامڪ اسٽڊيز جنرل، قرآن ۽ تفسير، شريعہ حديث ۽ حديث سائنس، سيرت اسٽڊيز ان کان علاوه بي اي 2.5،2 ۽ 4 سالا بيچلر بزنس ايڊمنسٽريشن، ٽيچر ٽريننگ پروگرامز ۾ ايسوسيئيٽ ڊگري ان ايجوڪيشن 02 سال بي ايڊ 1.5 سال، بي ايڊ 2 ۽ 2.5، بي ايڊ 04 سال ايسوسيئيٽ ڊگري پروگرامز، پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوماز هڪ سالہ ۾ ڪاروبار، انوائرونمينٽل هيلٿ ۽ سيفٽي، ايجوڪيشنل ليڊرشپ اينڊ مينيجمينٽ، انٽرپرينيورشپ، اي پي ايم، سپلاءِ ۽ چين مينيجمينٽ، سرٽيفڪيٽ ڪورسز ڇ مهينا اللسان العربي، عربي بول چال، سرٽيفڪيٽ ان لائيبريرين شپ، فرينچ آن لائن، لغت القرآن سرٽيفڪيٽ ڪورسز ان پبلڪ هيلٿ سرٽيفڪيٽ ڪورسز ٽي مهينا اي ڪامرس اسڪلز ۽ آن لائن ڪورسز آن لائن فارم اي بي ايل، ايم سي بي، فرسٽ وومين بينڪ، ۽ يو بي ايل فرسٽ وومين بينڪ، ۽ يو بي ايل ۽ پڻ ايزي پيسہ ايپ جاز ڪيش ايپ جي ذريعي پڻ جمع ڪرائي سگهجن ٿا، علامہ اقبال جي جاري طالب علم جي سهولت لاءِ سهولت وارا سينٽرز قائم ڪيا ويا آهن. سڄي ملڪ ۾ قائم مين ڪيمپس/ريجنل ڪيمپس/رابطا آفيسن ۽ سويفٽ سينٽر بابت معلومات يونيورسٽي جي ويب سائيٽ يا هيلپ لائن تان حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ آن لائن داخلا به ٿي سگهي ٿي.

روزاني سنڌيار ڪي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ايڊيٽر اعجاز مهر Reg No 2677 ABC Certified ڪراچي Daily SINDHYAR Karachi NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نہ گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com